# جيوَن ۾ سچو سُک ۽ شانتي ڪيئن ملندي؟






پرجاپتا برهماڪماري ايشوريہ وشوَ ودياليہ
پاندوَ ڀوَن، مائونٽ آبوُ، راجستان (ڀارت)

# جيوَن ۾ سچو سُک
# ۽ شانتي ڪيئن ملندي؟

پرجاپتا برهماڪُماري ايشوريه وشوَ ودياليه
پانڊوَ ڀوَن، مائونٽ آبوُ، راجسٿان (ڀارت)

# اَڄ اِنسان جي من ۾ شانتي ڇو ڪوَن آهي؟

دنيا جا سڀئي اِنسان شانتيءَ جي لاءِ ئي ايشور کي پراٿنا ڪندا آهن. پر سوال ٿو اُٿي جڏهن خُد پرماتما شانتيءَ جو ساگر آهي ۽ اِنساني آتمائن جو پرم پتا بہ آهي ۽ اِنساني آتمائون شانتيءَ جي لاءِ اُن ڪان گُهر پڻ ڪن ٿيون، تڏهن بہ سنسار ۾ يان هر اِنسان جي من ۾ اَشانتي ڇو آهي؟ اِن جو جواب وِويڪ ۽ آزمودي موجب فقط اِهوئي آهي تہ اَڄ اِنسان جو وهنوارِڪ جيون ۾ پرماتما سان ڪوبہ لاڳاپو نہ رهيو آهي ۽ اِنساني آتما، پرم پتا پرماتما جي آگيا جي خلاف ڪرم ڪندي رهي ٿي يعنيٖ اُن پنهنجي من، وچن ۽ ڪرم ۾ ڪام ڪروڌ وغيره وڪارن کي جڳهہ ڏني آهي. تنهنڪري شانتيءَ جي لاءِ ٻاڏائيندي بہ شانتي نصيب ڪونہ ٿئي ٿي.

اِهو راز سمجهائڻ جي لاءِ خود پرم پتا پرماتما شِو، پرجا پتا برهما جي تن ۾ پرگهٽ ٿي اَسان لاءِ شانتيءَ جيِ سوغات کڻي آيو آهي. پر هيءَ سوغات اُنهن کي سولائي سان نصيب ٿئي ٿي جيڪي پنهنجي وڪارن روپي پيٽا پرماتما شِو کي اَرپڻ ڪن ٿا ۽ اُنجي موٽ ۾ ايشوريہ گيان روپي رتن اُنکان حاصل ڪن ٿا. اُصل ۾ اَشانتي جو مکيہ ڪارڻ آهي چنتا، بيءزتي ۽ ڪنهن جي مرڻ تي ٿيندڙ شوڪ، غريبي، بيماري وغيره.

هن ڪتاب ۾ اِن ڳالهہ تي روشني وڌي ويئي آهي تہ اَهڙين حالتين ۾ بہ اِنسان کي شانتي ڪيئن حاصل ٿئي؟

- سمپادڪ

# چنتا کيئن دوُر ٿئي ۽ شانتي کيئن حاصل ڪيون؟

اَڄ هرهڪ اِنسان ڪنهن نہ ڪنهن نموني چنتا جو شڪار ٿئي ٿو. شاگرد کي چنتا آهي اِمتحان جي نتيجي جي، تہ ماءُ پيءُ کي پنهنجي ڌيءُ کي وڏو ٿيندو ڏسي اُن لاءِ لائق گهر ڳولهڻ جي چنتا آهي. هڪ اِنسان ٻئي کي اوڌر ڏيڻ ڪانپوءِ اِن چنتا ۾ رهندو آهي تہ هو اوڌر موٽائيندو يا نہ؟ ٻيو اِنسان اِن چنتا ۾ پيو ڳرندو آهي تہ جيڪو ڌن مون اوڌارون ورتو آهي تہ اُهو ڪيئن چُڪائيندس؟ غريب کي روٽي جي چنتا آهي تہ ڌن ڪمائيندڙ کي چنتا آهي تہ اِهو ڌن اسين ڪهڙي ڌندي ۾ لڳايون يا اَسانجو اِهو ڪارو ڌن ڪٿي پڪڙجي نہ پوي. راڄنيتڪ اَڳوان کي چنتا آهي تہ ڪُرسي ڪيئن هٿ ڪريون ۽ جن کي ڪرسي ملي آهي اُنهين کي چنتا آهي تہ اِها ڪرسي کسجي نہ وڃي. مُلڪ جي سرڪار کي چنتا آهي تہ دُشمن کان ديش کي ڪيئن بچائجي. مُختلف پارٽين کي چنتا آهي تہ پاڻڪي ڪهڙي نموني راڄنيتڪ چڪرين کان بچائجي. بيروزغارن کي چنتا آهي روزغار جي. اَهڙي نموني چنتا اَڄ هر هنڌ ڦهليل آهي. پر سوال ٿو اُٿي تہ اِن چنتا جي زنجيرن کان مُڪتي ڪيئن حاصل ڪجي؟

## چنتا جي جڙ

جڏهن اَسين گهِرائي سان سوچينداسين تڏهن اَسين اِن نتيجي تي پهچنداسين تہ اِنسان چنتا تڏهن ڪندو آهي جڏهن

ڪيس ڪنهن نہ ڪنهن نموني جو نقصان، اَشُپ ٿيڻ جو ڊپ هوندو اَٿس. مثال طور: شاگرد سوچيندو آهي جيڪڏهن اِمتحان جو نتيجو سُٺو نہ نِڪتو تہ نقصان واري ڳالهہ ٿيندي. ماءُ پيءُ سوچيندا آهن جيڪڏهن ڇوڪري جي لاءِ جلدئي سنو گهر نہ مليو تہ اَمنگل ٿي پوندو. واپاري سوچيندو آهي تہ اوڌر تي ڏنل مال جا پئسا نہ مليا تہ نقصان ٿيندو. بيروزغار ماڻهو پاڻکي چوندو آهي تہ جيڪڏهن ڪو ڌنڌوڌاري جلد هٿ نہ لڳو تہ نقصان ٿيندو. اَهڙي نموني آئينده جي باري ۾ جڏهن اَسين سوچي اُن بابت نااُميند بڻجون ٿا يا ڊپ ڪريون ٿا تہ اُهو چنتا جو موُل ڪارڻ بڻجي ٿو.

هاڻي ڏنو وڃي تہ نااُميند اِنسان جڏهن اِن قسم جون چنتائون ڪن ٿا تہ اُنجو نتيجو نااُميندي ڪانسواءِ ڪجهہ نٿو نڪري مثال طور: جڏهن واپاري سوچيندو آهي، ”خبر نہ آهي تہ فلاڻو ماڻهو ڏنل اوڌر موٽائيندو يا نہ“ تہ اِن ڊپ وچان يا شنڪا واري سنڪلپ سان پنهنجي من کي ئي ڊنواڊول ڪري ڇڏيندو آهي. اِن واپاريءَ جي نااُميندي واري چنتا جو نتيجو اِهو نڪرندو آهي تہ اُهو اِنسان جنهن اوڌر ورتي آهي اُهو سوچيندو آهي تہ مان ڏن ڪيس موٽائي ڏيان، ڪڏهن اِئين بہ سوچيندو آهي تہ ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ موٽائي ڏيندوسانس، ڪڏهن اِئين سوچيندو آهي تہ منهنجي مالي حالت هن وقت ٺيڪ نہ آهي تنهنڪري اوڌر واپس ڪرڻ ڏکيو آهي. اِن قسم جي چنتا ڪرڻ سان جيڪي اِنسان جو سوُڪيم من ۾ ويچارن جون لهروُن پئدا ٿين ٿيون اُهي ماحول کي ۽ اُن اِنسان (جنهن جي باري ۾ ڪيس شنڪا هوندي آهي تہ هو ڏن واپس ڪندو يا نہ) جي من کي بِگاري اَڪثر اَشُپ

نتيجي کي پئدا ڪندي آهي. اِنسان شنڪا ڪندو آهي تنهنڪري سندس من پڻ هلچل ۾ هوندو آهي، جنهن جو اَثر سندس ڪرم قل تي بہ پوندو آهي. تنهنڪري اِنسان کي گهرجي تہ ڪڏهن بہ اَشُڀ، اَمنگل يا نقصان جي چنتا نہ ڪري، ڪيس پنهنجي ۽ ٻين جي لاءِ سدائين من ۾ ڪلياڻڪاري ويچار رکڻ گهرجن ڇاڪاڻ تہ اَشُڀ جي چنتا ئي اَشڀ نتيجي کي آڻي ٿي. جيڪڏهن اُميند پريو ۽ شُڀ نتيجو بہ نِڪري تہ بہ اِنسان جيڪا اَشُڀ جي چنتا ڪري ٿو اُهو نتيجي جي اَچڻ کان اَڳ ئي ڪيترا ڏينهن مهنا يا سال چنتا سان پاڙکي دکي ڪري ٿو. نقصان ٿيڻ کان اَڳئي اُن نقصان جي چنتا سان پاڙکي دُکي ڪرڻ، پرشارت نہ آهي پر اِهو تہ اِئين چئبو تہ آئينده کي گذريل وقت سمجهي اُنکان ڏکڻ. تنهنڪري اِنسان کي گهرجي تہ هو چاهنا تہ ڪري پر چنتا نہ ڪري، هو شُڀ چنتن تہ ڪري پر اَشڀ جي چنتا نہ ڪري.

## چنتا ڪرڻ سان موقعو هليو ويندو

چنتا ڪندڙ اِنسان سدائين اِئين سوچيندو آهي، ”خبر ناهي هاڻي ڇا ٿيندو؟“ پر ڏنو وڃي تہ اِن قسم جي چنتا ڪرڻ جي ضرورت ئي ڪونہ آهي ڇاڪاڻ تہ اِها پڪ آهي تہ جيڪڏهن سُٺو ڪنداسين تہ سٺو ئي ٿيندو. ٿيندو تہ اُهوئي جيڪو اَسانجي هلندڙ وقت جي ڪرمن ۽ گذريل وقت ۾ ڪيل ڪرمن جي نتيجي طور هوندو. جيڪو نظارو آيو ئي ڪونهي اُنجي چنتا پهريائين ڇو ڪئي وڃي؟ جڏهن اَڃا ٿيڻي ڳالهہ ٿيڻي ناهي تہ پوءِ اِها چنتا ڇو ڪجي ڇا ٿيندو؟

اِنسان کي سوچڻ گهرجي تہ، ’’هيءَ دنيا تہ هڪ ناٽڪ مثل آهي. جيڪو ڪجهہ ٿي رهيو آهي اُن کي اَکين سان ڏسي رهيا آهيون. اِهي نظارا ختم ٿيڻ تي اَڳتي هلي جيڪي نظارا سامهون ايندا اُنکي بہ ڏسنداسين. پوءِ بہ اُنجي چنتا هاڻي ڇو ڪريون؟ هن سرشٽي روپي ناٽڪ ۾ ٿيندڙ آئينده جا نظارا جيئن جيئن اَسانجي سامهون ايندا ويندا تيئن تيئن اَسين اُهي ڏسندا رهنداسين، اُهي هن وقت آئينده جي پڙدي ۾ لِڪيل آهن، پوءِ اَجايو اُنهين جي چنتا ڇو ڪجي؟ هلندڙ وقت تہ پرشارٿ جو وقت آهي، آئينده ڏسڻو آهي. جيڪڏهن هاڻي ئي اَسين آئينده جي چنتا ۾ لڳي ويندا سين تہ هلندڙ وقت جو موقعو يا وقت اَسانجي هٿ مان نڪري ويندو. تنهنڪري اَسانکي چنتا نہ ڪري موقعي جو فائدو وٺڻ گهرجي ۽ پرشارٿ ڪندو رهجي.

# چنتا تيز نِگاه جي نشاني نہ، پر دُک جي نشاني آهي

ڪوبہ اِنسان مٿيون اَحوال پڙهي ڪري چئي سگهي ٿو تہ هر اِنسان کي تيز نِگاه رکي آئينده بابت سوچڻ گهرجي. اِنسان کي سوچي ويچاري ڪم ڪرڻ گهرجي. پر چنتا جي چڪيءَ ۾ پسجڻ نہ گهرجي، ڪيس چنتن تہ ڪرڻ گهرجي پر چنتا جي چٽنگہ(باه) سان پاڻ کي پسم ڪرڻ نہ گهرجي.

ٻار، وڏا ٿي رهيا آهن اُنهن جي چنتا، ڪنهن کي پئسو ڏنو آهي تہ اُن جي چنتا، ڪنهن کي بيماريءَ جي خبر پئي آهي تہ اُنجي چنتا اِها هڪ خراب عادت آهي. آخر اَسين هن دنيا ۾ فقط

چنتا جي باھ ۾ جلڻ ٿوريئي آيا آهيون. تنهنڪري اِنسان کي گهرجي تہ هو چنتا نہ ڪري شُڀ ڪرم ڪندي شُڀ سوچي ۽ شڀ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري، ڇاڪاڻ تہ چنتا ڪرڻ سان اِنسان جي دل تي اَثر ٿئي ٿو، پر شُڀ ڪرم ڪرڻ سان اُن ۾ چُستي اَچي ٿي ۽ اُنجو وهنوار پڻ ڪلياڻڪاري بڻجي ٿو.

چنتا ڪرڻ مان فائدو ئي ڪهڙو آهي؟ چنتا ڪندر اِنسان جيڪو نتيجو چاهي ٿو جيڪڏهن اُهوئي نتيجو نِڪتو پوءِ سندس چنتا ڪرڻ اَجايو ٿيو. جيڪڏهن ساڳيو نتيجو نہ نِڪتو جيئن اُن چاهيو ٿئي تڏهن بہ اُنجي چنتا ڪرڻ سان نتيجن ۾ تہ ڪو فرق آيو ڪونہ. اِن مان صاف ظاهر ٿيو تہ اُن چنتا ڪري پنهنجو پاڻکي اَجائي تڪليف ڏني. تنهين ڪري اِنسان کي اِهو مڃڻ گهرجي تہ چنتا پرشارٿ ۾ شامل نہ آهي پر هر قسم جي آتمهتيا وانگر آهي. مُثل اِنسان جو شرير جڏهن جلايو ويندو آهي تہ اُنکي ڪوبہ ڏُک ڪونہ ٿيندو آهي ڇاڪاڻ تہ اُن شرير ۾ چيتن شڪتي ڪونہ هوندي آهي، پر شرير کي جلائڻ کان اَڳ اِنسان کي چنتا جي باھ (اَگنيءَ) جو اَنيؤ ضرور ٿيندو آهي. تنهنڪري شريرڪ مرتيوُ کان پهريائين مانسڪ مرتيو روپي چنتا کان اِنسان کي بچڻ گهرجي.

# ايشور جو چنتن ئي چنتامڻي مثل

چنتا کان بچڻ جي لاءِ چنتامڻي مشهور آهي. چوندا آهن تہ هڪ مڻي آهي جيڪڏهن اُها ڪنهن جي هٿ لڳي وڃي تہ سندس سيئي منوڪامنائون پوريون ٿي ويندون آهن، سيئي ڏُک دوُر ٿي ويندا آهن. اَڳي زماني جي ڪٿائن ۾ هن قسم جي مڻي جي وڏي

مهِما ٻڌائي ويئي آهي. پر اَصل ۾ ڏٺو وڃي تہ اَهڙي قسم جي مٽي ظاهري طرح تي ڪونہ سگهي ڇاڪاڻ تہ چنتا من جي هڪ سوُڪيم وِرتي، نظريئو يا سياءُ آهي تہ سوال ٿو اُٿي تہ اَصل ۾ اِها چنتامٽي ڇا آهي.

اَصل ۾ ايشور جي سوروپ جو چنتن ڪرڻ ئي هڪ پرشارٿ آهي جنهن سان اِنسان جا سيئي دک دوُر ٿي وڃن ٿا ۽ هوُ سچو سک حاصل ڪري ٿو تنهنڪري اِن چنتن کي چنتا نہ چئي ڪري چنتامٽي يعنيِ سيني چنتائن کان مُڪتي ڏياريندڙ هڪ طريقو آهي.

تنهنڪري اِنسان کي گهرجي تہ هو چنتا نہ ڪري چنتامٽي کي گِرهڻ ڪري. آتما جو چنتن ۽ پرم پتا پرماتما جي آنند سوروپ جو چنتن ڪري. ٻين قسمن جي چنتائين سان تہ اِنسان جو من هيڏانهن هوڏانهن پيو ڀوڙندو آهي پر آتمڪ چنتن ڪرڻ سان من ايڪاگر ٿيندو آهي. پرماتما جي سوروپ جو چنتن ڪرڻ سان اِنسان جي من کي يڪدم شانتي ملندي آهي ۽ سندن من سيتل ٿي ويندو آهي.

چنتا ڪرڻ سان اِنسان جي يادگري ڪمزور ٿي ويندي آهي، سندس وِويڪ شڪتي گهٽجي ويندي آهي، سندس فيصلي ڪرڻ جي شڪتي پڻ نيڪ نموني ڪم ڪونہ ڪندي آهي تنهنڪري هوُ سچي لگن سان پرشارٿ ڪري ڪونہ سگهندو آهي، ڇاڪاڻ تہ چنتا ڪرڻ سان ڪم خراب ٿيندو آهي. اِنسان جي مانسڪ شڪتي ٻگڙجڻ سان هوُ مُنجهيل اِنسان وانگر ڪم ڪندو آهي، اَهڙو اِنسان اُلٽو سوچيندو آهي ۽ ڪم بہ اُلٽو ئي ڪندو آهي. تنهنڪري نتيجو بہ اُلٽو ئي نڪرندو آهي. هوُ پنهنجي ويچارن سان واتاورڻ ۾ خراب

لهرن سبب خراب ٿي نتيجو پيدا ڪندو آهي. تنهنڪري چنتائن کان رهت ٿي ڪم ڪرڻ سان ئي ڪاميابي حاصل ٿيندي آهي. چاڪاڻ تہ جڏهن هوءُ چنتا کان رحت اَوستا ۾ اَچي ٿو تہ هو دل لڳائي ڪم ڪري ٿو تنهنڪري اِنسان کي چنتا ڪڏهن بہ ڪرڻ نہ گهرجي.

اِنسان کي سمجهڻ گهرجي تہ زندگيءَ ۾ لاٿيون ۽ چاڙهيون تہ ايندڀون ئي رهنديون آهن. سج جون ڏينهن ۾ ٽي اَوستائون ٿينديون آهن تنهنڪري ڏينهن بدلجندا رهن ٿا اِن ۾ گهبرائڻ ۽ چنتا ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي. اِنسان کي سدائين ايشور جي ياد ۾، آنند ۾ رهي پرشارٿ ڪرڻ گهرجي.

# مٽ مائٽ يا پريمي مِتر جي ديهانت ٿي بہ من کي شانت ڪئين رکجي؟

گهِرائي سان جيڪڏهن سوچيو وڃي تہ اَصل ۾ سڀئي اِستري، پرش ريل گاڏي ۾ ويٺل مسافر وانگر آهن جن مان ڪو پهرين ڪنهن اِسٽيشن تي لهي وڃي ٿو تہ ڪو وڏيڪ دوُريءَ تائين ياترا ڪري ٿو. ريل گاڏي ۾ ويٺل مسافر جيڪڏهن ٻئي ڪنهن مسافر سان دل لڳائي يا موه ممتا جو رِشتو جوڙي ۽ ڪنهن اِسٽيشن تي اُنکان جُدا ٿيڻ تي روئڻ لڳي تہ سندس اِهو وهنوار اَگيان مان پئدا ٿيل سمجهنداسين. نيڪ اِن نموني پرمذام مان آيل ديهہ ڌاري آتمائين جي ديهہ تياڳ تي ڏُک ڪرڻ يا دک جو اِظهار ڪرڻ بہ اِئين ئي آهي جيئن ڪنهن پرديسيءَ سان پريم جو ناتو جوڙي

ڪنهن اِسٽيشن تي لهندو ڏسي روئڻ ۽ چِلائڻ.

چوڻي آهي، ”پکي ۽ پرديسي ڪنهن جا مِتر ڪونہ ٿيندا آهن“. اَصل ۾ آتما بہ هڪ پکي آهي. جيڪو هن وقت ديھہ روپي پڃري يا آکيڙي ۾ موجود آهي يا آتما بہ تہ هڪ پرديسي آهي جيڪا پرمڌام مان هن سرشٽي روپي پرائي ديش ۾ يا مسافر خاني ۾ آئي آهي. تنهنڪري هتان جي ڪنهن بہ جيوَ سان اَهڙو موھ جو ناتو جوڙڻ، جو ڪنهن جي ديھہ تياڳ ڪرڻ تي دک ٿئي، اِهو تہ اِئين ٿيو جيئن هن دنيا روپي مسافر خاني کي پنهنجو گهر سمجهڻ يا اُڏامندڙ پکي يا گهمندڙ پرديسيءَ سان دل لڳائڻ. اِهو تہ اِئين ٿيو جيئن تہ هن دنيا جي ناشوَنت ۽ تبديل ٿيندر ۽ شرير جي ناشوَنت ٿيڻ جي نيم کي مِٽائڻ جي بيڪار ڪوشش ڪرڻ. هت تہ ڪنهن بہ اِنسان کي گهرجي تہ هوُ سُجاڳ ٿئي اُلٽي مالها ڦيرڻ جي بدران سِڌي مالها ڦيرڻي يعنيِ مُئلن جي ياد جي مالها ڦيرڻ جي بدران اَمرناٿ پرماتما شِو جي يادگيريءَ ۾ رهڻ جو اَڀياس ڪري. اِهو ماتم (مها تم) يعنيِ تموگڻ جي نشاني آهي. تنهنڪري دک ڪرڻ جي بدران شانتي رکي.

اِنسان کي اِهو سوچڻ گهرجي تہ هيءَ دنيا ٻِن ڇئن ڏينهن جو ميلو آهي ۽ ميلي جي ساٿين کي اَوناشي سمجهڻ تہ جڻ ميلي کي ميلو نہ سمجهي ماتم سمجهڻ ٿيندو. اِهو تہ ٿيو من کي ميرو ڪرڻ يا ميلي کي جهميلو بڻائڻ.

اَهڙي طرح دک جو اِظهار ڪندي ماڻهون اِن ڳالھہ کي ڄاڻندائي نہ آهن تہ اَصل ۾ اَسين سڀ پرماتما جي ئي سنتان آهيون. هن سنسار روپي اِسٽيج تي ڪجھہ وقت لاءِ جدا جدا پارٽ نِڀائڻ جي لاءِ جدا جدا نالن ۽ روپن سان ناتو جوڙيون ٿا. اَصل ۾

اسين سڀ هڪ وڏي ناٽڪ جا اَداڪار آهيون. جڏهن هڪ هنڌ اسين پنهنجو پارٽ ختم ڪندا آهيون تہ ٻئي هنڌ نئون شرير ڌارڻ ڪري پنهنجو پارٽ اَدا ڪندا آهيون. جنهن کي اَسين پنهنجو پٽ سمجهون ٿا اُهو بہ پهريائين ڪنهن ٻئي جڳهہ تي جدا نالي سان پارٽ اَدا ڪري رهيو هو. تنهن ڪانپوءِ هو پنهنجو رول پوُرو ڪري ۽ اُتان جو چولو ڇڏي ڪري نئين شرير ۾ نئين نالي سان ظاهر ٿيو. جڏهن اَسان وٽ سندن پارٽ ختم ٿيندو تہ وري ٻئي جڳهہ تي ٻئي نالي سان نئين روپ ۾ پنهنجو پارٽ اَدا ڪرڻ جي لاءِ هليو ويندو. نہ اُنجو اَسان سان اَوناشي پارٽ هو ۽ نہ اَسان سان اَوناشي لاڳاپو هو، ڇاڪاڻ تہ جنهن شرير جي آڌار تي لاڳاپو يا پارٽ هو اُهو شرير ئي اَوناشي وستوُ ڪونہ آهي. تنهن ڪري سندس گذاري وڃڻ تي اَجايو دکي ٿيڻ جو ڪو سبب ئي نہ آهي. اُهو پراڻي پهريائين بہ تہ اَسان وٽ ڪٿان آيو هو. اُهو اَننت ڪال ڪان تہ اَسان وٽ ڪون هو؟ جيڪو آيو سو هليو ويو. هتي اَچ وڃ تہ لڳي پئي آهي، اَسانکي بہ تہ وڃڻو آهي. اَسانجو بہ تہ سدائين ساڳيو پارٽ نہ هلندو. تنهنڪري دک ڪرڻ جي بدران شِو کي ياد ڪرڻ گهرجي. اُهوئي اَسانجو سچو دوست ۽ اَوناشي رشتيدار، ٻُڍاپي جي لٺ، دل جو سهارو ۽ سک جو داتا آهي. اسين اُن جي سنتان آهيون باقي ٻيا سڀئي لاڳاپا ناشوَنت آهن ۽ ڪرمن جي حساب ڪتاب تي ٻڌل آهن. جنهنجو جڏهن اَسان سان ڪرم جو ڪاتو پورو ٿئي ٿو تہ هو اَسانکان جدا ٿي ٻئي سان لاڳاپو جوڙي ٿو. تنهنڪري من کي آٿت ڏيڻ گهرجي تہ روئڻ جو تہ ڪو سبب نہ آهي، رئڻ بسيري جي ساٿين سان وڇڙڻ تي روئڻ پِنل آهي.

# لاش کي ڏسي روئڻ جي بدران شِو کي ياد ڪرڻ

اِنسان کي سوچڻ گهرجي تہ جيڪڏهن پٽ جي مرڻ تي پيءُ کي روئڻ صحيح آهي پوءِ تہ پرماتما کي ٢۴ ڪلاڪ روئڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ ڪرڻو ئي ڪونہ پوندو، ڇاڪاڻ تہ سيئي اِستري پرش پرماتما کي پنهنجو ماتا پتا سمجهن ٿا. هن دنيا ۾ اَهڙي ڪابہ گهڙي نہ آهي جڏهن ڪنهن نہ ڪنهن اِنسان جو ديهانت نہ ٿيندو هجي. پر جيئنوٽيڪ پرماتما پريم جو ساگر آهي سڀ سان پيار ڪري ٿو تڏهن بہ هوُ ڪنهن سان موہ نٿو رکي. هو سدائين آنند جو ساگر ۽ شانتيءَ جو ساگر چوائي ٿو. اِن مان ثابت آهي تہ هو پتا هوندي بہ هوُ اَلاهہ آهي، گيان سوروپ آهي، تنهنڪري اَسانکي بہ گيان جو چنتن ڪرڻ گهرجي. لاش کي ڏسي ڪري روئڻ جي بدران شِو پرماتما سان لاڳاپو رکي، اُن سان لڳن لڳائڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ اُن ڪانسواءِ ڪوبہ دائما نہ آهي ۽ شڪتيوان سهارو نہ آهي. هو اَسانجو پٽ بہ آهي ۽ پتا بہ. هو اَسان سان سيئي ناتا نڀائي سگهي ٿو، پر اِها اِنسان جي اَڻڄاڻائي ۽ اَبوجهائي آهي تہ هو شِو پرماتما جي لاڳاپي کي نٿو ڄاڻي ۽ نہ اُنتي هلي ٿو. پر ناشوَنت لاڳاپي جي ٽُٽڻ تي ڇِلائي ٿو. اَصل ۾ اِنسان جيترا آنسون هن دنيوي رِشتيدارن جي مرتيوُ ٿيڻ تي وهائي ٿو جيڪڏهن هو اُنهن جو ڏهوڻو حِصو بہ ايشور جي پريم جي ڳورن جي روپ ۾، شِو پرماتما جي ياد ۾ واهي تہ سندس ٻيڙو پار ٿي پوي. پوءِ تہ ڪيس ڪڏهن بہ ڳورا ڳاڙهڻا ئي نہ پوندا، ڪو سهارو بہ نہ ڳولڻو پوندو. تنهنڪري جيترو موہ ماءُ جو پٽ ۾، زال جو مرد ۾ آهي، هاڻي اوترو ئي پيار ۽ اوترو ئي گهاٽو ناتو پرماتما سان جوڙي ڏسو تڏهن

اَوهانکي معلوم ٿيندو تہ هو ڪيترو نہ شڪتيشالي سهارو آهي ۽ هو ڪيئن پنهنجو لاڳاپو آخر تائين اَسان سان نڀائي ٿو. ۽ اُن مان اَسانکي ڇا حاصل ٿئي ٿو، هوُ تہ مردن جو بہ مرد ۽ پِتائن جو پرم پتا، مِترن ۾ پرم مِتر آهي. تنهن ڪري هوُ اِنهن لاڳاپن لاءِ ضرور پنهنجي پيار جو ناتو نِڀائيندو.

# ماتم ڪرڻ جي بدران ڪرم جي وِڌان تي ڌيان ڏيڻ

اِنسان پنهنجي موہ ۾ ڦاسي ڪري ناممڪن ۽ اَڻلڀ شين جي خواهش ڪري ٿو چاهي اُنجو نتيجو ڪهڙو بہ نِڪري. اَهڙي نموني هرهڪ اِنسان پنهنجي پياري رشتيدار ۽ دوست جي لاءِ اِها ڪامنا ڪندو آهي تہ هو سدائين زنده رهي. هو ڪڏهن بہ نہ مري ۽ ٻڍو بہ نہ ٿي، پر اِهو تہ تڏهن ممڪن آهي جڏهن سندن مترن، رشتيدارن ڪڏهن ڪو اهڙو ڪرم ڪيو ئي نہ هجي جنهنجو نتيجو بيماري، ٻڍاپو، موت وغيره هوندو آهي. ٻي حالت ۾ تہ اِنسان جي اِها خواهش ناممڪن آهي تہ هو سدائين تندرست ۽ زنده رهي. تنهن هوندي بہ موہ ۾ ڦاٿل اِنسان ڪرم جي وڌان تي غور ئي نٿو ڪري ۽ سڄي سرشٽيءَ جي ڪاريہ تي ڌيان ئي نٿو ڏئي. پر هو تہ اِئين چاهي ٿو تہ منهنجي چاهنا پوري ٿي، منهنجو پيارو نہ مري. ذرا سوچيو هڪ ماءُ پنهنجي پٽ جي موہ ۾ ڦاسي چوندي آهي، ”هاڻي منهنجي پٽ کي اِسڪول وڃڻو آهي، هاڻي برسات نہ پوي تہ سٺو، ڇاڪاڻ تہ برسات ۾ پُسجي ڪري منهنجو پٽ بيمار ٿي

پوندو. اُن وقت هو اِهو نہ سوچيندي تہ جيڪڏهن برسات نہ پوندي تہ کيتي ڪانہ ٿيندي ۽ اَناج نہ ملڻ تي ڏُڪر ٿي پوندو ۽ نہ هوۓ پنهنجي ٻارن جي ڪرمن جي ريکا تي ڌيان ڏيندي آهي. تنهنڪري موه ۾ ڦاٿل اِنسان جون اِهي خواهشون پوريون ٿيڻ لڳن تہ پوۓ دنيا ۾ ڪوبہ ڪم نيڪ نموني ٿي ڪون سگهندو. جيڪڏهن قدرت جا نيم موه واري اِنسان جي چاهنا موجب هلن پوۓ تہ سمورو ڪم رُڪجي ويندو. تڏهن تہ هر ڪنهنجي چاهنا پوري نہ ٿي سگهندي. هڪ ماءُ چاهنا ڪندي آهي تہ منهنجو پٽ نہ مري، ٻي ماءُ چوندي آهي تہ مونکي پٽ ڄمي، هاڻي جيڪڏهن ڪنهنجو دوست يا مٽ مائٽ نہ مرندو تہ ٻي جي گهر ۾ پٽ ڪيئن پئدا ٿيندو. جڏهن اِنهن اَنادي ۽ اَوناشي آتمائن جي هڪ ڪان ٻي جڳهہ ڏانهن جدا جدا روپن ۾ بدل سدل ٿئي ٿي، جڏهن هو هڪ هنڌ شرير ڇڏيندو تڏهن ٻي ڪٿنب ۾ شرير ڌارڻ ڪندو.

تنهنڪري اِنسان کي گهرجي تہ هو ڪنهنجي مرڻ تي ڪرم جي اَٽل وڌان تي ڌيان ڏي ۽ سوچي تہ ”هن دنيا ۾ آتمائن جي اَچ وڃ تہ ٿئي پئي“. جڏهن منهنجو پنهنجي شرير تي ئي اَڌڪار نہ آهي تہ مان ٻين جي باري ۾ اَڌڪار سان ڪيئن چئي سگهندس تہ هو نہ مري. سچو ناٽڪ ئي تہ اُن اَنادي يوجنا موجب هلي رهيو آهي. تنهنڪري هن دنيا ۾ هرهڪ لاۓ وڏي عمر ماڻڻ جي شُڀ ڪامنا تہ ڪري سگهجي ٿي پر جيڪڏهن گهٽنا ٿي تہ اُن تي دک ڪرڻ اَجايو آهي. ڇاڪاڻ تہ دک ڪرڻ سان ڪو مُئل ماڻهو واپس تہ ڪونہ ايندو. تنهنڪري مونکي گهرجي تہ اِن پياري سنٻنڌيءَ جي مرتيو کي هڪ چيتاوني سمجهان يا يادگيريءَ جو

پيغام سمجھان، جنھن لاءِ مونکي ھردم تيار رھڻ گھرجي. اَڪيلو ئي تہ وچٿو آھي. تنھنڪري اَڪيلائي ۾ ئي رھيل زندگيءَ جي گھڙين ۾ ڪالن جي بہ ڪال مھاڪال ايشور، پرم پتا شِو جي شرڻ ۾ ھليو وڃان ۽ اُنجي سِمرڻ جو آنند وٺان. پرماتما ئي اھڙو پِتا، پتي، پٽ ۽ مِتر آھي جنھنکي ڪال ختم نٿو ڪري تنھنڪري اُنکي ئي مان پنھنجو سچو متر سمجھي من جي پريت جوڙيان تہ اِئين ڪرڻ سان منھنجي سدگتي ٿيندي. ھيءَ آتما سدائين سُھاڳڻ سدائين شڪتيوان ۽ پنھنجي مالڪ سان رھندي. جيڪڏھن مان مُئل اِنسانن جي گُڻن جي واکاڻ ڪندو روئيندو رھندس تہ مونکي بہ يمدوُت وٺي ويندا. جيڪڏھن مان پرماتما جي ياد ۾ خوش رھندس تہ مونکي ديوتائن جا وِمان وٺڻ ايندا چاڪاڻ تہ مان ڏيرجوان، سھنشيل، سنتوشي، ڪِلمُک ۽ پريوُ پرماتما جي يادگيريءَ روپي سُندر گُڻن سان پرِيپورڻ آھيان. تنھنڪري وئڪنٺ جي ديوَ پد لاءِ لائق آھيان.

اَھڙي نموني جيڪڏھن اِنسان اِئين ايشوريہ گُڻن جي ڌارڻا جو پرشارٿ ڪري تہ ماتم ۽ دک جي حالتون اُنجي من کي پرم پتا پرماتما شِو ڏانھن وٺي وڃڻ ۾ مددگار ثابت ٿينديون ۽ کيس يوگ ۽ شانتيءَ ۾ اِستر رکنديون.

# بيعزتيءَ وارين حالتن ۾ بہ من ۾ شانتي ڪھڙي نموني رکجي؟

سنسار ۾ اسين ڏسندا آھيون جڏھن اِنسان جو مانُ مرتبو ٿيندو آھي تہ ڪيس ڏاڍي خوشي ٿيندي آھي ۽ جيڪڏھن ڪوئي سندس بيعزتي ڪندو آھي تہ ڏُک محسوس ڪندو آھي ۽ بيآرامي محسوس ڪندو آھي. اَھڙي نموني رواجي اِنسان جي زندگي پنھنجي وس ۾ نہ پر حالتن تي مدار رکي ٿي. جيڪڏھن ڪو مانُ مرتبي جي حالت ۾ ھوندو تہ اُن وقت خوشي پيو محسوس ڪندو پر جيڪڏھن ڪنھن اِن سان خراب وھنوار ڪيو تہ چئن مھنن تائين بيآرامي پيو محسوس ڪندو. پر يوگيءَ جي باري ۾ تہ اِھو مشھور آھي تہ ھو مانُ، اَپمان جي حالتن ۾ بہ ھڪ جھڙو رھندو آھي. تنھنڪري سوال ٿو اُٿي تہ جيڪي اِنسان يوگ ذريئي سدائين ايشوريہ آنند ۾ مگن رھڻ چاھين ٿا ۽ ٻئي جي وس يعنيِ سنسار جي حالتن جي وس نٿا رھڻ چاھين اُنھن کي مانُ اَپمان جي حالتن ۾ ڪھڙو طريقو اَپنائڻ گھرجي.

# اَجاين ڳاھين جو سوچ نہ ڪرڻ

ھڪ حالت اُھا ھوندي آھي جنھن ۾ اَسانجو اَصل ۾ ڪوبہ ڏوھہ نہ ھوندو آھي پر ٻيو اِنسان ڪوُڙ ڳالھائيندڙ ۽ اَڏيريہ ڪنھن غلطفھميءَ ۾ اَچي ڪري ٻين ماڻھو جي حاضري ۾ اَسانجي لاءِ اَٽنھڪندڙ ۽ بيواجب لفظ استعمال ڪندو آھي، مثال طور، سمجھو

ڪو ماڻهو ڪنهن ڪي ٻين ماڻهو جي سامهو چوئي ٿو، ”توُن تہ موُرک آهين، بلڪل بيڪار آهين، تنهنجي ڪوپڙي ۾ عقل تہ آهي ئي ڪونہ، ڇا چوان بلڪل گڏهہ آهين، اَنڌن وانگر ڪم ٿو ڪرين. سچ مچ تون اُلوُ آهين“. جيتوڻيڪ ڏوهہ ڪنهن ٻئي ماڻهو جو آهي پر غلطفهميءَ وچان مٿي چيل لفظن جو اِستعمال ڪري ٿو.

هاڻي جيڪڏهن گيان جي درشٽيءَ سان ڏنو وڃي تہ اَهڙي حالت ۾ اَشانت ٿيڻ جو تہ ڪوبہ سبب ئي نہ آهي ڇاڪاڻ تہ اُن اِنسان غلطي تہ ڪانہ ڪئي آهي پر غلطفهميءَ وچان اَجايون ڳالهيون ڪري رهيو آهي. اَهڙن اَجاين ڳالهين جي چنتا ئي ڇو ڪجي؟ اُن وقت سوچڻ گهرجي تہ ٻيو ماڻهو اَجايون ڳالهيون ٿو ڪري منهنجو تہ اِن ۾ ڪوبہ ڏوهہ ئي نہ آهي. پوءِ مان اُنهن اَجاين ڳالهين جي چنتا ئي ڇو ڪريان.

## بيپرواه بادشاه وانگر وهنوار ڪرڻ ۽ پنهنجي اِرادي روپي سنگهاسن تي اَٽل رهڻ

ٻي ڳالهہ اِها آهي تہ ڪنهن جي چوڻ سان تہ ڪو اِنسان گڏهہ يا اُلوُ نہ بڻجندو ۽ نہ اَنڌو ئي ٿيندو. تنهنڪري اِنسان کي گهرجي تہ جيڪڏهن ڪو اِنسان اَهڙا بيڪار لفظ منهن مان ڪڍي ٿو تہ اَسانکي اُنجي پرواه ڪرڻ نہ گهرجي ڪيس پنهنجي اِرادي روپي سگهاسن تي اَٽل رهي آتم وشواس نہ ڇڏي. اَڄ اِنسان غلطي اِها ڪري ٿو جو پاڻ کي بادشاه تہ سمجهي ٿو، (تڏهن تہ هو چاهي ٿو تہ ٻيا منهنجي عزت ڪن) پر هوُ بيپرواه بادشاه يعنيٖ پنهنجو چِت بِنا چنتائن ڪان آجو نٿو رکي. تنهنڪري شاهن جي بہ شاه

پرماتما جي سنتان هوندي بہ ۽ سنسار جي مالڪ شري نارائڻ جي وارث هوندي بہ سُک جو اَنيؤ نٿو ڪري. هو پنهنجي پڪي اِرادي جي مظبوطي ڪان ٻاهر نڪري ٻين جي لفظن جي جاڙ ۾ ڦاسي پوي ٿو تنهنڪري ڪيس اَشانتي محسوس ٿئي ٿي. هو جلد ئي اَٿل اِرادي جي سنگهاسن ڇڏي ڪري هيٺ لهي اَچي ٿو، نہ تہ جڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن اِنسان کي دک محسوس ڪرڻ جي بدران اُن ماڻهو تي ڪلڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ هو ويچارو اَگيان وچان ڪيس غلط نالو ڏي ٿو. ڇاڪاڻ تہ اَصل ۾ اِنسان اُلو نہ پر اَلاه جو ٻالڪ آهي. پر جڏهن اسين پنهنجو پاڻ ۾ ئي شڪ آڻيون ٿا تڏهن دکي ٿيون ٿا. تنهنڪري چوڻي آهي ”جڏهن توُن اَهم کي وِساريو تڏهن توکي لڳو مايا جو گولو“.

# پنهنجي عزت (سوَمان) ۾ رهڻ

مٿي چوڻي مان ظاهر آهي تہ جڏهن اِنسان پنهنجي آتما کي ئي غزت ڏيئي ٿو ۽ ستيہ پرماتما کي مڃي ٿو تڏهن ڪيس بيعزتيءَ جي پرواه نٿي رهي. تنهنڪري اِنسان کي پهريائين پنهنجي پاڻ کي سُوَمان (سُوَ معنيٰ پنهنجي آتما، مانُ معنيٰ عزت ڏيڻ) مان تہ ترلوڪيناٿ پتت پاون، گيان جي ساگر، شانتيءَ جي ساگر، آنند جي ساگر ۽ پريم جي ساگر پرم پتا پرماتما جي شُڌ ۽ شانت، اَمر ۽ اَوناشي سنتان آهيان. جڏهن اِنسان اِن نموني پنهنجي آتما ۾ اِستر رهندو يعنيٰ پاڻکي آتما سمجهندو تہ ڪيس بيعزتيءَ جو ڪنڊو ڪونہ چُڀندو. تنهنڪري ياد رکو جڏهن توهين ٻين جي چيل خراب لفظن کي وزن ڏيو ٿا تڏهن پنهنجي بيعزتي

محسوس ڪريو ٿا.

هاڻي جيڪڏهن ڪو ماڻهو چوي ته- ”جڏهن ڪو ماڻهو اَسانجي سامهون بيعزتي پڙيل لفظ اِستعمال ڪري ٿو تڏهن اَسانکي بيعزتي ته محسوس ٿئي ٿي، اِهو سڀ اَسانجي ڪڇي اِرادي سبب ٿئي ٿو ۽ ڪنهن شنڪا سبب. مثال طور، جڏهن ڪو ماڻهو ٻين جي سامهون چوي ٿو، توُن ته ڪو گڏهه آهين تڏهن اَسانکي شنڪا ڪانه ٿئي ٿي ته اِنسان ڪونه آهيون، پر اِنسان آهيون. اَسانکي ڪاوڙ لڳي ٿي ته ٻئي اَسانکي گڏهه ڇو چيو ۽ اِن ڪاوڙ ۽ چنتن سبب اَسانکي دک محسوس ٿئي ٿو.

هاڻي اِن ڳالهه تي غور ڪرڻ تي توهان ڏسندا ته جيتوڻيڪ اَسانکي اِها پڪ آهي ته اسين اِنسان ئي آهيون گڏهه نه آهيون، پر اَسانکي اِن ڳالهه تي پي ته پڪ هئڻ گهرجي ته ٻئي ماڻهو جي خراب لفظن سان اَسانکي ڪوبه نقصان ڪونه رسندو. جڏهن اسين سچ جي رستي تي آهيون ته هڪ ڏينهن سچ جي جيت ٿيندي سچائي ظاهر ٿي رهندي.

اَسانکي اِها به پڪ هئڻ گهرجي ته اسين جيوتي سوروپ آتما آهيون، اَسانکي گڏهه چوندڙ خُدئي پليل پتڪيل آهي. جنهن جي خراب وهنوار ڪي سيئي ڏسي رهيا آهن. اسين اِهو ڇو مڃيون ته اُتي ٻيٺل ماڻهو شايد اَسانکي گڏهه سمجهندا؟ اَسانجو اُهو سوچڻ ئي ته پاڻ ۾ شڪ پئدا ڪرڻ ۽ دِويه گُڻن جي سنگهاسن ڪان هيٺ لهڻ آهي. جيڪڏهن ڪو بيعزتيءَ پريا لفظ ڪتب آڻي ٿو ته اُن وقت اَسانکي اِها پڪ ڪرڻ گهرجي ته اسين جيوتي سوروپ آتما آهيون تڏهن ته اَسانکي اُن ماڻهو تي ڪِل ايندي، جيڪو

اَسانکي گڏهه چوي ٿو ۽ اَسانکي اِئين محسوس ٿيندو تہ اُن ماڻھو جي روپ ۾ مايا ئي ڪجهہ ڳالهائي رهي آهي. اَسانکي اِهو محسوس ٿيندو تہ اُهو اِنسان پروَس (ٻي جي وَس) آهي، ڪاوڙ ۾ آهي، بيچئن آهي تنهنڪري اَهڙيون ڳالهيون ٿو ڪري. اُن جي من ۾ باه لڳل آهي تنهينڪري اُنجي مُک مان باه جا اُلاها ٿا نڪرن. پر مان تہ شُڌ ۽ شانت آتما آهيان، مان تہ گيان روپي اَمرت جي گاگر آهيان. مون تي اُن جو ڪهڙو اَثر ٿيندو؟ اُهو اَگياني آهي، ڪيس اِها چاڻ ڪانہ آهي تہ مان جيوتي سوروپ آتما آهيان تنهنڪري اَگيان جي نِنڊ ۾ بڪ بڪ ڪندي مونکي گڏهه چئي رهيو آهي. مونکي تہ پنهنجي آتما جي مانُ ۾ (سوَمان ۾) رهڻ گهرجي. اِن قسم جي سوَمان يا سنمان ۾ رهندڙ اِنسان کي بيعزتيءَ جو دک ڪونہ ٿيندو.

جيڪڏهن اسين ٻاهرمُکي ٻڻجي ٻين جي خراب لفظن کي ٻُڌون ٿا يا قبوُل ڪريون ٿا تڏهن بيعزتيءَ جو اَحساس ٿئي ٿو. پر جڏهن اسين اَنترمُکي ٿي جيوتي سوروپ ۾ پنهنجو من ٽِڪايون ٿا تڏهن سوَمان يا سنمان محسوس ڪريون ٿا، اِهو ئي جيون جو اَٽل نِيَم آهي.

## پنهنجي عزت پنهنجي هٿ ۾، نہ ڪِ ٻئي جي هٿ ۾

اِها چوڻي مشهور آهي تہ اِنسان جي پنهنجي عزت پنهنجي ئي هٿ ۾ آهي. چاڪاڻ تہ اَصل ۾ ٻين جي خراب لفظن يا اَڻنهنڪندر وهنوار سان اِنسان جي بيعزتي نٿي ٿي. پر جڏهن

اِنسان پنهنجي عزت (مان پرماتما جي سنتان آهيان) کي وڃائي ڪري پنهنجي چهري تي اُداسيءَ جون ريکائون آڻيون ٿا تڏهن هو پنهنجي ٽوپي لاهي ٿو. تڏهن ته ٻيا ماڻهون سمجهن ٿا ته هن ۾ به سهنشيلتا، ڌيرج جي مهانتا ڪانه آهي. هيءَ گنيير ۽ منو ٻالهائيندڙ نه آهي پر اَسيه، اَگياني آهي. ٻين جو اَسانجي لاءِ اِهو سوچڻ ئي اِهو اَسانجو اَپمان آهي. تنهنڪري اِهو چوڻ غلط آهي، ”ته هن ماڻهو سڀني جي سامهون منهنجي ٽوپي لائي ڇڏي. ڇو ته هو ماڻهو جڏهن اُڻهڪندر وهنوار ڪندو آهي تڏهن به جيڪڏهن اسين پنهنجي اِرادي تي اَٽل رهون ٿا ته ٻين جي نظرن ۾ اُنجي ٽوپي لهي ٿي. اَسانجي ته عزت قائم رهي ٿي. جيڪڏهن اسين به بُري سان بُرو ٿي خراب وهنوار ڪريون ٿا يعنيٰ جڏهن اسين به پويترتا ۽ مهانتا جو تاج يا شانتيءَ جي ٽوپي لاهي ڇڏيون ٿا تڏهن اَسانجي عزت به لهي وڃي ٿي.

# سهنشيلتا، پريم، ميٺاج ۽ گُڻن کي گرهڻ ڪرڻ جي ڌارڻا

هاڻي اَسين ٻيءَ حالت تي ويچار ڪريون ٿا. ڪن حالتين ۾ اِئين به ٿيندو اهي ته اَسانجي ڪنهن غلطيءَ سان يا ڪنهن اَوگڻ سبب ڪنهن ٻي اِنسان جو ڪم بگڙجندو آهي يا ڪيس نقصان پهچندو آهي جنهنڪري ڪن ماڻهن جي سامهون اَسانجي لاءِ ڪي اَسيه لفظ يا وهنوار سان پيش ايندو آهي. اَهڙي حالت ۾ به اَسانکي اَشانت نه ٿيڻ گهرجي پر اَهڙي ڏکيءَ حالت کي پنهنجي ڪيَل ڪرمن جي سزا سمجهي خوشيءَ سان سهڻ گهرجي. مثال طور،

سمجهو تہ منهنجي پيءُ مونکي چيو، ”تون پوُري ۴ بجي منهنجو سامان ريلوي اِستيشن تي پهچائج“. هاڻي مون سوچيو تہ اَجان تہ چڱو وقت پيو آهي تنهنڪري مان ٿورو وقت ليٽيِ ٿو پوان، اَهڙي نموني مونکي اَک لڳي ويئي ۽ مان اُٿڻ جي ڪوشش ڪئي پر ٿورو دير سان پهتس ۽ ڏٺو تہ گاڏي هلڻ تي هئي ۽ منهنجو پيءُ منهنجو اِنتظار ڪري رهيو هو، نتيجو اِهو نِڪتو تہ منهنجو پيءُ ٻين دوستن جي سامهون چوڻ لڳو تون تہ بلڪل بيوقوف آهين تونکي تہ وقت جي ڄاڻ ئي نہ پيئي، تون سدائين ڪم بگاڙي ڇڏيندو آهين. تون اَسانجي گهر ۾ نالائق ماڻهو پئدا ٿيو آهين، هليو وڃ منهنجي اَکين اَڳيان. تونکي ٿوري بہ سمجهہ ڪونہ آهي“.

هاڻي مُمڪن آهي تہ مونکي محسوس ٿيندو تہ منهنجي پيءُ دوستن جي سامهون منهنجي بيعزتي ڪئي ۽ اِهو بہ ممڪن آهي تہ اِئين سوچي ڪري مان اُداسي يا اَشانت ٿيان پر اَصل ۾ مونکي اُداس يا اَشانت ٿيڻ نہ گهرجي. اَهڙي حالت ۾ مونکي اِهو سوچڻ گهرجي تہ مون جيڪو غلط ڪم ڪيو آهي يا ڀُل ڪئي آهي اُن جي اِها سزا آهي. تنهنڪري مونکي خوشيءَ سان اُها سهڻ گهرجي. چاڪاڻ تہ اِئين ڪرڻ سان منهنجو حساب ڪتاب چُڪتو ٿي ويندو ڀل منهنجو پيءُ اَڻنهڪندر لفظ اِستعمال ڪري، پر سندس غلطي ڏسي مونکي اَشانت يا دُکي ٿيڻ جي غلطي نہ ڪرڻ گهرجي. مونکي منهن مان ڪجهہ اَڻنهڪندر لفظ ٻالهائڻ نہ گهرجن. پر پهرين غلطيءَ جي سزا پوگي پنهنجي ڪرمن جو کاتو پوُرو ڪرڻ گهرجي. ٻيِ حالت ۾ اَڻنهڪندر ٻالهائڻ يا سوچڻ سان منهنجي وڪرم جو کاتو وڌي ويندو. منهنجي غلطي ئي هن

حالت جو مؤل ڪارڻ آهي. تنهنڪري مونکي هن حالت مان ڳڻ ڳرهڻ ڪرڻ گهرجي تہ آئينده مان ذميندار ٿيان ۽ وڌيڪ فُرتائي سان ڪم ڪريا ۽ ڪڏهن بہ غفلت نہ ڪريان.

هتي ڪوئي چئي سگهي ٿو تہ ''اَسان ڪان جيڪڏهن غلطي ٿي ويئي آهي ۽ جيڪڏهن ڪوئي اَسانجي بيعزتي ڪري ٿو تڏهن اَسانکي اِهو ويچار اَچي ٿو تہ اَسان غلطي ڪئي ۽ آئينده اَهڙي غلطي نہ ڪرڻ جو اِرادو پڻ ڪريون ٿا. پر تڏهن اَسانکي اِهو سنڪلپ اَچي ٿو تہ اَسانکي غلطي جو اَحساس ڪرائڻ جو جيڪو طريقو هي وٺي رهيو آهي اُهو غلط آهي. اَسانکي سندس طريقي کي ڏسي دک ٿئي ٿو. ۽ من ۾ اِهو سوچي اَشانتي ٿئي ٿي، تہ ٻيا سڀيئي ماڻهون اَسانجي باري ۾ ڇا سوچيندا. اُنهن جي سامهون اَسانجو عزت مٽي ۾ ملي ويندي ۽ هوُ اَسانجي مذاق ڪندا ۽ هوُ منهنجي باري ۾ چوندا ''هي ٻڄڙو آهي تنهنڪري چُپ رهيو، هن کي پنهنجي عزت جي پرواه ئي ڪوني تڏهن هوُ پنهنجي بيعزتي سهي ويو''.

هاڻي اِن ڳالهہ تي گيان جي نظريئي سان ويچار ڪرڻ تي توهين اِن نتيجي تي پهنچندا تہ اَصل ۾ اِئين سوچڻ اَسانجي ڪمزوري يا ڀُل آهي. آزمودو اِئين چوي ٿو تہ اَهڙي حالت ۾ جيڪڏهن اسين وياڪُل ٿيڻ جي بدران مسڪرائڻ لڳندا آهيون ۽ پنهنجي من ۾ ٻئي جي بُرائي کي يا ڪاوڙ کي نہ آڻي پيار ۽ عزت سان پيش اَچون ٿا تہ بيعزتي پريل لفظ بہ معمولي ٻڻجي وڃن ٿا. ٻين حاضرين جي نظر ۾ سندس اَهميت نٽي رهي ۽ اُها ڳالهہ مذاق ۾ ئي ٽري وڃي ٿي. جيڪڏهن اسين اَهڙن بيعزتيءَ وارن

لفظن سان پنهنجي من کي اَشانت بڻايون ٿا تہ ٻيا ماڻهون بہ اُن ڳالهہ تي خاص ڌيان ڏين ٿا ۽ جيڪڏهن اُها اسين ڳالهہ ٽاري ڇڏيون ٿا تہ ٻيا بہ اُن تي ڌيان نٿا ڏين. تنهنڪري نيڪ اِئين آهي تہ پيار، سهنشيلتا، ميناج ۽ ٻين ڏانهن عزت ڀريو رُک رکندي اُن حالت کي منهن ڏيون. ٻي حالت ۾ اُها حالت ٿي اَسانجي دل کي دُک پهنچائيندي ۽ سچ پچ اَسين بي عزتي ۽ اَشانتي محسوس کنداسين ۽ اَسانکي محسوس ٿيندو تہ کنهن اَسانکي گولِي هڻِين آهي، يان کنهن اَسانجي سِيني ۾ باه لڳائي آهي.

جڏهن کٿي بہ گولِيبازي ٿيندي آهي تہ هر هڪ نگرواسي پنهنجو بچاءُ سوچيندو آهي. جڏهن کٿي باه لڳندي آهي تڏهن هر سمجهوُ اِنسان اُن باه کي وسائڻ جي کوشش کندو آهي يا گهٽ ۾ گهٽ پاڻ اُن باه مان نکرڻ جو رستو ڳولهي کڍندو آهي. اَهڙي نموني جيکڏهن کو اِنسان بي عزتيءَ روپي گولين جي برسات وسائيندو آهي يا اَسانجي سِيني ۾ باه لڳائڻ جي کوشش کندو آهي، اَهڙي حالت ۾ اَسانکي گهرجي تہ اسين اُنکان پنهنجو بچاءُ کريون. ۽ اِنجو بچاءُ فقط اِهو آهي تہ اسين پاڻکي دِويہ گُڻن جي ڍارڻا سان پنهنجو بچاءُ کريون. آتما سوروپ جي ياد ذريعي پنهنجي من کي ٿڌو رکون ۽ مُسکرائيندي حالتن جو مقابلو کيون. ٻين سان پيار ۽ عزت ڀريو وهنوار کري اُن تي وجئہ حاصل کريون. ٻي حالت ۾ بي عزتيءَ روپي گولِي سان زخمي ٿيڻ يا خراب لفظن جي باه ۾ جلڻ سياڻپ جي نشاني نہ آهي. اَهڙي حالت سان زخمي بڻجي اِئين چوَڻ تہ ”اَفسوس، منهنجو من زخمي ٿي پيو آهي، منهنجي دل جي ڌرکڻ رُکجي رهي آهي، منهنجو دماغ کم

ڪونہ ڪري رهيو آهي“. موُرک ماڻهن جو ڪم آهي تہ گولين ۽ باه کي ڏسندي بہ اُتان پري نہ ٿيڻ ۽ پنهنجو بچاءُ نہ ڪرڻ.

# هن سرشٽي کان بيپرواه ٿيڻ سان ئي شانتي حاصل ٿئي ٿي

ڪيترا دفعا اِئين بہ ٿيندو آهي تہ اِنسان جن ماڻهن سان بلائي ڪندو آهي، اُهي سندس ڳالهہ ڪونہ مڃيندا آهن. يا ڪيس وڏيک وزن ڪونہ ڏيندا آهن ۽ اِنسان سمجهندو آهي تہ ماڻهو پنهنجي ٻارن کي لاڏ ڪوڏ سان پاليو اُنهن جي پڙهائي تي جهجهو خرچ پڻ ڪيو پر اُهي ٻار وڏا ٿيڻ تي ڪيس پُراڻن ويچارن جو سمجهن ٿا ۽ پاڻ کي نئين ويچار ڌارا وارو سمجهن ٿا، تنهنڪري پيءُ جي ڳالهہ کي نظراَنداز ڪن ٿا، اُنتي پورو ڌيان نٿا ڏين. تنهنڪري اُن اِنسان جي دل ئي دل اِهو سوچي دُکي ٿئي ٿي تہ ڏسو هيءُ ڪهڙو زمانو اَچي ويو آهي مان جن ٻارن کي ايتري محنت ڪري رات ڏينهن پوڙهيو ڪري ڪين پاڙهيو. اَڄ منهنجو اُهي چوڻ نٿا مڃن. منهنجي عزت نٿا ڪن. ٻين ماڻهن جي سامهون منهنجي ڳالهہ تي وزن نٿا ڏين. اَهڙي نموني منهنجي بيعزتي ٿئي ٿي. ۽ ماڻهون چون ٿا تہ فلاڻي ماڻهو جا ٻار نالائق آهن. اُهي ڪيس گهٽ سمجهن ٿا“. هاڻي جيڪڏهن اِن ڳالهہ تي غور ڪجي تہ اِهو ڪو اَشانتيءَ جو ڪارڻ ڪونهي. پر اِهي بہ اِنسان کي نيارو ۽ وئراڳ جي گُڻن روپي بہ اَمولڪ موتي ڏيڻ وارا آهن. جڏهن اِنسان پاڻ ئي چئي رهيو آهي، ”تہ هيءُ ڪهڙو زمانو اَچي ويو آهي“. تہ پوءِ اَشانت يا دُکي ٿيڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي. ڪيس

من ۾ اِهو سمجهڻ گهرجي ته هلندر وقت ڪليڳ يا اَڌرم يڳ آهي. تنهنڪري ماڻهو اَحسان فراموش ٿي ويندا آهن ۽ پنهنجي فرض کي به ڀُلجي ويندا آهن ۽ ڌرم ڀرشٽ ٿي ويندا آهن. تنهنڪري اُنهن مان اِهائي اُميد رکي سگهجي ٿي ته هو پنهنجي پيءُ جي ويچارن کي پُراڻي زماني جون ڳالهيون سمجهي ٺاري ڇڏين ٿا. ڇاڪاڻ ته ڪليڳ ۾ مريادا ڪونه هوندي آهي. هاڻي ته ڪليڳ جي آخرين گهڙي اَچي پهتي آهي. دئتن جي نشانين جو آخرين روپ سوَيِاوِڪ آهي. اِن ۾ عجب ڪائڻ يا ڏُکي ٿيڻ جو ڪهڙو مطلب آهي. هاڻي ته سرشٽي تموپرڌان ۽ راڪسي ٿي چُڪي آهي. هاڻي هتان جي ماڻهن مان سُک جي اُميد رکڻ ڀُل آهي.

تنهنڪري اِنسان کي گهرجي ته هو پنهنجي من کي سمجهائي ته جيڪو ڪجهه منهنجي سامهون پيش ٿي رهيو آهي اُهو منهنجي من کي سنساري موه کان بچڻ جي سِکيا ڏيئي رهيو آهي. مونکي پنهنجو من پنهنجي پرم مِتر، پرماتما سان ئي جوڙڻ گهرجي. اِنسان کي سوچڻ گهرجي ته ”هاڻي سڀئي آتمائون وڪارن جي وَس آهن. هاڻي ته مان پريوُ جو ٿي ڪري اُن سان هي پنهنجو من لڳائيندس. اَهڙي نموني کيس گهرجي ته هن دنيا ۾ ڪم ڌنڌو ڪندي به من کي اُنهن کان دوُر رکي ۽ اُنهن سان پنهنجي من جو ناتو نه سمجهي، بي‌پرواه بڻجي زندگي گذاري.

# تڪليف جي حالتن ۾ بہ شانتي

اِنسان جي من کي اَشانتي تڏهن محسوس ٿيندي آهي جڏهن سندس خواهش پوري نہ ٿيندي آهي يا تڪليف يا رُڪاوٽ سامهون ايندي آهي. اَهڙي حالت ۾ اِنسان کي سوچڻ گهرجي تہ شيٽِي ۽ هٿوري سان پٿر کي بہ تراشي اُن مان پوُڄڻ لائق موُرتي تيار ڪئي ويندي آهي. جيئن سمنڊ جي لهرن سان ٽڪرائيندي ٽڪرائيندي پٿر بہ ساليگرام بڻجي ويندو آهي. جيئن سمنڊ جو طوفان سمنڊ مان سِپي، رتن، شنک ڪِناري تي اَچي فِٽي ڪندو آهي، اَهڙي نموني جيڪي منهنجي سامهون ڏُکيون حالتون اَچن ٿيون، اُهي مونکي اَزمودگار، مهانِ ۽ دِويہ بڻائينديون. تنهنڪري اِنسان کي گهرجي تہ اَهڙين ڏُکين حالتن کي يا ناڪاميابين کي پنهنجي ئي ڪرمن جو نتيجو سمجهي ڌيرجوان، سهنشيل بڻجي، چاڪاڻ تہ اِنهن دِويہ گُڻن کي ڌارڻ ڪرڻ سان ئي اِنسان ديوتا بڻجي سگهي ٿو ۽ اَلوڪڪ سُک جو آنند ماڻي سگهي ٿو.

هن دنيا جي هر هڪ گهٽنا تي اَٽل (اَٽل) آهي، اِهو ياد رکڻ گهرجي، ”جيڪو ٿيڻو هو سو ٿي ويو، هي سنسار بدلجندڙ آهي. هڪ ڏينهن هي خراب حالتون ڪونہ رهنديون. وري سُک جا ڏينهن ايندا. هاڻي تہ هي ڪليگي دُکي سنسار بڻ ڏينهن جو مهمان آهي، جلدئي اِنجو وناش ٿيندو ۽ سنيگ جا سُک سان پريل ڏينهن ايندا. تنهنڪري مونکي سنتوُشٽي ٿيڻ گهرجي.

# اَجائي سوچ ويچار ۾ ٻيءِ جي پڇڙ کان ڪهڙي نموني ٻچي شانتي حاصل ڪجي؟

اِنسان جي اَشانتيءَ جو هڪ ڪارڻ اِهو به آهي ته هوُ گذريل ڏُک‌دايڪ ڳالهين کي هر گهرڙي ياد ڪندو رهندو آهي. مثال طور: هوُ سوچيندو آهي ته ”فلاڻي ماڻهو مونسان سُٺو وهنوار ڪونه ڪيو هو، فلاڻي ماڻهو منهنجي وقت تي مدد ڪونه ڪئي هئي، منهنجي فلاڻي پٽ منهنجو حُڪم ڪونه مڃيو هو، فلاڻي ماڻهو ۾ ته فلاڻا نقص آهن“. جڏهن هوُ ڪنهن سان ڳالهائي ٿو تڏهن اَهڙي قسم سان پنهنجي گذريل ڏُک ڀريل من سان هو اِنهن ڳالهين جو بيان ڪري ٿو، ڄڻ ته هميشه لاءِ ڏُک اُنجي هي تقدير ۾ آهن. هوُ پنهنجي زندگي جي دک سان لاڳاپو رکندڙ سبقن کي کولي من ۾ هر گهڙي پڙهندو آهي، جئين اُهو ايشوريه چريتر هجي يا ته ڪو جيوَن مُڪتي پائڻ جو منتر هجي. اَهڙي قسم جي سياءُ وارو اِنسان ڄڻ ته پنهنجو پاڻ کي ئي اُلجهائي ۾ اُلٽو لٽڪائي پوءِ اِئين چوندو آهي، ”هاءِ مونکي ڪو ڇڏائي، مونکي ڪوئي سڌو ڪري“. اَهڙي اِنسان کي هاڻي شانتي حاصل ڪرڻ لاءِ اِهو سوچڻ گهرجي ته، ”هي منهنجا سنڪلپ، وِڪلپ اِئين آهن جيئن سنسار روپي باغ ۾ گُل چوُندڻ جي بدران ڪندا چوُندي پنهنجي دل کي زخمي بڻائڻ. اَجان هڪ ڪنڊي جي چُنبڻ جو زخم مِٽيو ئي ڪونه آهي ته ٻي ڏُکدائي ڳالهه ياد ڪري پنهنجي دل کي ڪنڊي سان زخمي ڪري ٿو. يا ته ٻي زخم کي تازو توانو بڻائي ٿو. جيڪڏهن اَهڙي نموني مان هر گهڙي پنهنجي دل ۾ گذريل ڳالهيون روپي

ڪندا لڳائيندو رهندس تہ منهنجي من جا زخم پرجندا ئي ڪونہ ۽ آخر ۾ اُهي زخم ناسوُر بڻجي مونکي ئي ڏُکي بڻائيندا. ٿورن ڏينهن ڪانپوءِ هر گهڙي اِنهين ڳالهين کي ياد ڪري، پنهنجي من کي دکي بڻائڻ يا اُن طرف ڌيان ڏيڻ تہ اِهو ظاهر ڪري ٿو تہ اَڃان تائين اِهي ڪنڊا منهنجي دل مان نِڪتا ڪونہ آهن. تنهنڪري هاڻي جيڪڏهن شانتي ئي منهنجو مقصد آهي ۽ سُک ئي منهنجي منزل آهي تہ مان ڪنڊن کي ڪڍي ڇڏيندس يا يوگ جي اَگنيءَ سان کي پسم ڪري ڇڏيندس. ڇاڪاڻ تہ هر هڪ سمجهوُ اِنسان باغ مان گُل چوُنڊيندو آهي ۽ ڪنڊن کان بچاءُ ڪندو آهي.

# گذريل کي پوُت ڇيو ويندو آهي تنهنڪري گذريل ڳالهہ کي پوُت ئي سمجهو

هندي ٻوليءَ ۾ گذريل وقت کي پوُتڪال چوندا آهي. پوُت جي ٻِي معنيٰ آهي پريت آتما. ”جهڙو ويچار تهڙو چال“ پوُت کي ياد ڪندڙ جي چوٽي موجب پاڻ بہ پوُت ئي بڻجندو. تنهنڪري جنهن اِنسان جو سياءُ گذريل خراب ڳالهين کي ياد ڪرڻ جو آهي اُنکي سوچڻ گهرجي تہ گذريل ڳالهيون خراب پوُت وانگر آهن. تنهنڪري اُهي ياد ڪرڻ نہ گهرجن. ڇاڪاڻ تہ اُنهن جي يادگري سان منهنجي حالت بہ پوُت جهڙي ٿي ويندي. اِن نموني پوُت يعنيٰ گذريل ڳالهين کي پوُت پريت سمجهي اُنهن کان بچڻ گهرجي ۽ آئينده کي ياد ڪرڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ اسين سُنو بڻجڻ چاهيون ٿا، تنهنڪري سُنا ويچار ۽ ڪرم ڪرڻ گهرجن. جهڙا ڪرم هوندا اُهڙو ئي اَسانجو آئينده جو نتيجو ٿيندو.

# گذريل کي وِساريو ۽ دنيا کي زنده نہ سمجھو

اِنسان کي گھرجي تہ ھو سدائين ياد رکي تہ ھيءَ دنيا ڊرامي مثل آھي يا جھڙي نموني سِنيما جي پردي تي فِلم ڏني ويندي آھي اَھڙي نموني مان سڀ ڪجھہ ڏسي رھيو آھيان. ھن ڊراما يا فِلم جو ريل ڪُلندو ويندو آھي. تنھنڪري گذريل ڳالھين کي ياد ڪرڻ چڙ تہ رول کي پوئتي موٽائڻ جي ڪوشش ڪرڻ ٿيندي، اِھو تہ فِلم کي ڏسڻ جو طريقو نہ آھي. تنھنڪري اِنسان کي سوچڻ گھرجي، ھن وِشال ڊراما ۾ جيڪو نظارو سامھون ايندو آھي اُنکي ئي ڏسي مونکي خوش ٿيڻ گھرجي، ڊراما جو جيڪو رول پوُرو ٿي چُڪو آھي، ھاڻي جيڪڏھن ھر گھڙي کيس ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس تہ مان اَڳتي وڌي ڪونہ سگھندس ۽ آئينده جا نظارا ڏسڻ کان معروم ٿي ويندس ۽ پوئتي پئجي ويندس. تنھنڪري اِنسان کي آئينده کي ساکي ڀاوَ سان ڏسڻ گھرجي ۽ جيڪو ڊرامي جو رول ختم ٿي چُڪو آھي اُنکي چُنبڙي نہ پوڻ گھرجي.

اِن ڪانسواءِ جڏھن اِنسان جي من ۾ گذريل وقت جي باري ۾ اَھڙا ويچار ايندا آھن تہ ”ھن ماڻھو مون سان نيڪ وھنوار نہ ڪيو آھي، فلاڻي مون کي ڪيس ۾ ھارايو ھو، اُن ماڻھو منھنجي مدد ڪونہ ڪئي آھي، وغيره وغيره... تہ اُن کي سوچڻ گھرجي تہ، ”جنھن وقت جي مان ڳالھہ ڪري رھيو آھيان ھاڻي تہ اِھو وقت ئي نہ رھيو آھي. ھاڻي ھوُ ماڻھو بہ وقت گذرڻ تي بدلجي ويو آھي. اُھي حالتون بہ بدلجي ويون آھن. اُھو ڪرم ڦل بہ مون ڀوڳي ڪري پوُرو ڪيو آھي. تنھن ڪري ھاڻي تہ اُنجو سوچ ويچار ڪرڻ چڙ تہ اُن دُک واري وقت کي سوچي وڌائڻ ٿيندو. اِھو تہ

ڏُک جي ڏاڍي کي ڇِکي وڏو ڪرڻ چئبو. اِنجي معنيٰ اِها آهي تہ مونکي ڏک ۽ اَشانتي سدائين وڻندڙ آهن. ٻي حالت ۾ ڏک جي ڄاڻ کي اُلٽ جو مطلب ٿي کڻو ٿي سگهي ٿو! پر اِئين نٿو ٿي سگهي ڇاڪاڻ تہ هر هڪ اِنسان اَصل ۾ سُک ۽ شانتي چاهي ٿو تنهنڪري منهنجو بہ مقصد سُک ۽ شانتي حاصل ڪرڻ ئي آهي. اَهڙي نموني پنهنجي من کي سمجهائي اِنسان کي گهرجي تہ هو گذريل ڳالهہ کي گذريل ئي سمجهي ۽ گذريل وقت جي دنيا کي زنده نہ سمجهي، ۽ اَڳتي جي لاءِ اُتم پرشارٿ ڪري. هوُ پُراڻين، گندين ڳالهين کي ياد ڪري وايومنڊل کي خراب نہ ڪري، اُن ۾ ڏُک جي لهرن کي نہ ڦهلائي پر سُک ۽ شانتي جا وائبريشن ڦهلائي.

# گند کي چُڳڻ ڪانءُ جو ڪم آهي
# موتي چُڳڻ هنس جو ڪم آهي

دنيا ۾ اسين ڏسندا آهيون تہ ڪانءُ گندگيءَ جي ڍيڙ تي ويهي اُنکي پيو کوليندو آهي ۽ گندگي ئي پيو چُڳندو آهي. پر هنس جي باري ۾ اِها ڳالهہ مشهور آهي تہ هوُ موتي چُڳندو آهي، يا کير کي ڳِرهڻ ڪري پاڻي (نير) ڇڏي ڏيندو آهي. تنهنڪري اِنسان کي سوچڻ گهرجي تہ مونکي گيان رتن چُڳڻ وارو يا دِويہ گُڻن چُڳڻ وارو هنس بڻجڻ سُٺو لڳي ٿو يا گندگي چُڳڻ وارو ڪانءُ؟ مونکي ڪو هنس چوي تہ سُٺو لڳندو يا مونکي ڪانءُ ڪري سڏي تہ وڻندو؟ اِن مان ظاهر تہ هنس جو سُڀاءُ سڀ کي وڻندو آهي. تنهنڪري گذريل گندي ۽ ڏُکدائڪ ڳالهين کي کولڻ ۽ ڪانءُ

ڪانءُ ڪري ٻين کي گڏ ڪرڻ ۾ اُنهن جو ڌيان ٻہ اُن گند ڏانهن ڇڪائڻ جي عادت ڇڏڻ گهرجي.

## گذريل اِتهاس مان سِکيا حاصل ڪندي اَڳتي وڌڻ گهرجي

اِنسان سان جيڪو ڪجهہ گذريو آهي يعنيٖ اُنجو جيڪو اِتهاس آهي، اُن مان ڪيس سبق پرائڻ گهرجي. پر اُهو سبق (اَحوال) هر گهڙي رٽڻ يا پڙهڻ نہ گهرجي. هر گهڙيءَ گذريل ڳالهہ کي دوهرائڻ ڪمزور ماڻهو جو ڪم آهي ۽ جڻ تہ پرشارٿ روپي گاڏي جي ڦيٿي کي پوئتي ڌڪڻ آهي. تنهنڪري واڌارو چاهيندڙ ماڻهو کي گهرجي تہ گذريل ڳالهين يا جيوَن جي گهٽنائن ۾ گُڻ گرهڻ ڪري، پنهنجي مقصد ڏانهن وڌندو رهي.

## وقت جو ميٽر هلِي رهيو آهي، سنڪلپن جو پارو وڌي رهيو آهي

اِنسان کي اِهو سوچڻ گهرجي تہ وقت جو ميٽر هلندو رهي ٿو ۽ زندگي جون گهڙيون گذري رهيون آهن. تنهنڪري مان جيڪڏهن هلندڙ وقت کي بہ گذريل ڳالهين جي ياد ۾ گذاري ڇڏيندس تہ مونکي پڇتاءُ ٿيندو تہ اِهو وقت بہ منهنجي هٿن مان نِڪري ويو. اَفسوس مون ٻين جي چنتن ۾ سمُورو وقت وڃائي ڇڏيو. مون ايشوريہ چنتن ڪيو ئي ڪونہ. پهريون وقت ڏُک ۾ گذريو هو، هاڻي ڏُک جي ياد ۾ وقت وڃي رهيو آهي. تنهنڪري مونکي

گذريل ٻالهپڻ کي ياد ڪري وقت وڃائڻ جي بدران اَڪال پُرش پرماتما کي ياد ڪرڻ ئي سُکدائڪ آهي ۽ وقت کي اَنمول بڻائيندڙ آهي. هن ماڻهو مونسان پلائي نه ڪئي، اِهو سوچڻ جي بدران هاڻي مونکي اِهو سوچڻ گهرجي، جيڪو ٿي چُڪو، اُهو منهنجي ڪرمن جو ئي ڦل هو، تنهنڪري هاڻي اُنهن ماڻهن ۽ اُن جي ڪيَل ڪم تي ڌيان نه ڏيئي، پرم پِتا پرماتما سان ئي ڌيان لڳايان. پنهنجي پلائي يا ڪرمن ڏانهن ڌيان لڳائڻ گهرجي، ٻي حالت ۾ منهنجي اَپويتر ۽ اَجاين سنڪلپن، وِڪلپن ۽ وِڪرمن جو کاتو وڌندو ئي ويندو.

تنهنڪري وقت روپي ميٽر کي هلندڙ سمجهي ڪري ۽ گذريل کي پنهنجن ئي ڪرمن جو ڦل سمجهي اِنسان کي گهرجي ته اَجايو ڪرمن جو کاتو يا پارو نه وڌائي. ٻيءَ حالت ۾ ڪيس پاڻ ئي اُهو چُڪائڻو پوندو. اِهو سمجهڻ گهرجي ته ماڻهون جي مالا ڦيرڻ سان منهنجي خوشي ۾ گهاٽو پوندو ۽ اَوگُڻن ۽ ڏُک جي چنتن ڪرڻ بدران مونکي پربوءَ جو چنتن ڪرڻ گهرجي نه ته عُمر دوکي ۾ ئي گذري ويندي.

## گذريل ڪهڙيون ڳالهيون ياد ڪرڻ گهرجن؟

گذريل ڳالهين کي ياد ڪرڻ جي اِنساني جيڪا عادت يا سُڀاءُ آهي هاڻي ڪيس ٻئي نموني اُنجو اِستعمال ڪرڻ گهرجي. اُن ذريعي اِنسان کي ستيگ، تريتا، دواپر ۽ ڪليگ جي اَصلي اِتهاس کي ياد ڪرڻ گهرجي. يعنيٰ اُن کي اِهو سمجهڻ گهرجي ته مان پهريائين مُڪتيڌام ۾ رهندو هيس ۽ اُتان اَچي مون ستيگي دئوي سرشٽيءَ ۾ جنم ورتو، ستيگ ۽ تريتا ۾ ڪُل ٢١ جنم پويترتا

۽ شانتيءَ سان ڀوڳيا. ٻوءِ دواپر يُگ جي شروعات ۾ ڏيهہ اَپمان ۾ وڪارن سبب منهنجي زندگيءَ ۾ دُک ۽ اَشانتي داخل ٿي ۽ جيئن جيئن مون ۾ ڪام، ڪروڌ وِڪارون جي رفتار وڌنڌي ويئي تيئن منهنجي جيوَن ۾ دُک اَشانتي وڌنڌي ويئي ۽ مان اُنهن کان ڇُٽڪارون پائڻ لاءِ يگيہ تپسيا، پوُڄا، پاٺ، ڀڳتي وغيره ڪندو رهِيس. پر تنهين هوندي بہ دُکن منهنجو پيڇو نہ ڇڏيو. هلندڙ وقت دنيا ۾ بِلڪل ڳِراوٽ، دُک ۽ اَشانتي جو آهي ۽ مان ڪليگي سنسار جو جيوَ آهيان. ستيگ ۽ تريتا ۾ ٢١ جنم پوُرڻ سُکي، دواپر يُگ ۽ ڪليگ ۾ گهٽ وڌ دُکن وارا ٦٣ جنم وٺڻ ڪانپوءِ هاڻي منهنجو چوُرَاسيون (٨٤) جنم گذري رهيو آهي. هلندڙ جنم منهنجو آخرين جنم آهي. ڇاڪاڻ تہ هاڻي هن ڪانپوءِ ڪليگ جو اَنت ٿيڻو آهي. ائِٽامڪ وشوَ يُڌ ۽ گهروُ لڙائين سبب مهاوناش ٿيڻو آهي. هاڻي سيني آتمائين کي واپس مُڪتي ڌام وڃڻو آهي. گيان يوگ ۽ دِويہ گُڻ ڌارڻ ڪري پويتر بڻجڻو آهي. بِي حالت ۾ ڌرمراج پُريءَ ۾ پنهنجي ئي وڪرمن جي لاءِ سزا ڀوڳڻي پوندي. هاڻي مان تہ گيان يوگ ۽ دِويہ گُڻن جي اَڀياس سان وري ستوپرڌان ۽ پويتر بڻجندس. مُڪتي ۽ ستيگي ديوَ پد کي حاصل ڪرڻ جي لائق بڻجندس. اَهڙي نموني گذريل ۽ ايندڙ وقت جي ياد سان اِنسان جو ڪلياڻ ٿيندو آهي.

# بيمارِيءَ جي حالت ۾ بہ من ۾ شانتي ڪيئن رهي؟

هن ڪليگي دُکن سان ڀريل سرشٽيءَ ۾ هرهڪ اِنسان ڪڏهن نہ ڪڏهن بيمار ٿيندو آهي ۽ اِن بيماريءَ جي حالت ۾ هرهڪ رواجي اِنسان ٿورو گهڻو دُکي ٿيندو آهي. اُن وقت ڪيس شرير جي ئي ياد هوندي آهي، هوُ اُن وقت پرم پتا پرماتما جي ياد جو آنند نہ وٺندو آهي. تنهنڪري سوال ٿو اُٿي تہ بيماريءَ جي حالت ۾ بہ اِنسان يوگ ساڌنا ۾ ڪيئن رهي؟ ۽ آتمڪ شانتي ۽ ايشوريہ آنند ۾ ڪهڙي نموني مشغول رهي. هن سوال ڪي وٺي هتي ڪن فائديمند طريقن جو بيان ڪيَل آهي:-

## بيماري ۾ بہ يوگ ساڌنا ۽ شانت رهڻ جا طريقا

ڪيترن ئي سنتسنگن جي آزمودي جي آڌار تي چئي سگهجي ٿو تہ جيڪڏهن اِنسان گيان جو سهارو وٺي تہ هو بيماري کي يوگ ۾ بدلائي سگهي ٿو. هو گيان جي مدد سان تندرست (يعنيٖ آتم نِشٺ) بہ ٿي سگهي ٿو ۽ شاريرڪ تندرستي بہ حاصل ڪري سگهي ٿو. تنهنڪري گياني اِنسانن کي گهرجي تہ هو بيماريءَ جي بدران يوگ تي ڌيان ڌي. مثال طور: جيڪڏهن سوُر سبب اُنجي منهن مان هون اَکر نِڪرندو هجي تہ اُنجي بدران هوُ چوي تہ مان آتما آهيان. جيڪڏهن آ لفظ نِڪرندو هجي تہ آ پريوُ يا چوي آءِ ايم سول يعنيٖ مان آتما آهيان. ۽ جيڪڏهن سوُر سبب اُنجي وات مان او يا اوُن جو آواز نِڪري تہ گيان جي آڌار تي اوم يا اوم

شانتي جو اُچارڻ ڪري ۽ هاءِ نہ چئي ڪري هي شِو بابا، هي پريوُ اِئين چوي. اَهڙي نموني ٿوري محنت سان سندس من تڪليف کي ياد ڪرڻ بدران ڏُک دوُر ڪندڙ پرماتما ڏانهن هليو ويندو ۽ سُک محسوس ڪندو. تنهنڪري بيمار ماڻهو جو پرشارٿ اِهو هئڻ گهرجي تہ سندس من شرير ۾ نہ پر ايشور ۾ ايڪاگر ٿي وڃي. بيماريءَ وقت فرياد نہ ڪري پر پريوُ کي ياد ڪري، ڇاڪاڻ تہ اُن سان ئي اُن ۾ تبديل ايندي. سوُري (ڦاسي) مثل تڪليف بہ اُن وقت ڪنڊي مثل گهٽ تڪليف جو اَحساس ڪرائيندي.

رام جو بہ جيڪو رام(شِو) آهي اُنجي ياد سان اِنسان کي ضرور آرام ملندو آهي. تنهنڪري اِنسان کي جيڪڏهن نِنڊ نہ اَچي ۽ آرام محسوس نہ ڪري تہ هو هر گهڙي ماڻهن کي اِها شڪايت نہ ڪري تہ اَڄ آرام نہ مليو. پر ڪيس گهرجي تہ هوُ من ۾ اَڄ رام، اَڄ رام (آ- رام) جي پاونا رکي اَهڙي نموني آرام جي چنتا ڪرڻ بدران رام جو چنتن ڪرڻ سان ڪيس ضرور آرام ملندو.

تہ طريقو اِهو آهي تہ اِنسان پنهنجي شرير جي سنڀال ۽ بيماري جو علاج تہ ڪري پر اُن سان گڏوگڏ پنهنجي ويچارڌارا کي گيان سان ڀري ۽ سندس لاڙو ايشور ڏانهن هئڻ گهرجي. مثال طور: جيڪڏهن سندس ٽنگن ۾ سوُر هجي تہ علاج ڪرڻ سان گڏوگڏ ڪيس اِهو سوچي خوشي ۾ رهڻ گهرجي تہ هاڻي مونکي پرم پتا پرماتما گيان ۽ يوگ روپي بہ سُهڻيون ٽنگهون ڏنيون آهن جنهن جي سهاري مان بيهي ڪري سدائين جي لاءِ سُک شانتي حاصل ڪري سگهان ٿو. جيڪڏهن دل جي بيماري هجي تہ هو اِئين سوچي تہ هاڻي دل وارو پرماتما مليو آهي، اُن سان منهنجي دلي ۽ سچي

پريت آهي، جيڪڏهن اَکين ۾ تڪليف هجي تہ هو سوچي تہ هاڻي تہ ڪلياڻ ڪندڙ پريوُ مونکي گيان جون اَکيون يا ڊِويہ نيتر ڏنا آهن. جيڪڏهن ڪن ۾ ڪا بيماري هجي تہ سوچي تہ ٻُڌڻ جي لاءِ مونکي ايشور جو گيان مليو آهي. جيڪڏهن ٻانهن کي ڪجھہ ٿي وڃي تہ سوچي هاڻي مان ڇئن ٻانهن وارو يعنيٖ شنک، چڪر، گدا ۽ ڪمل ڌارڻ ڪرڻ وارو بڻجي رهيو آهيان. دماغ ۾ ڪجھہ ٿي تہ سوچي هاڻي پرم پتا پرماتما ڊِويہ ٻُڌي روپي اَنمول وردان ڏنو آهي. ساهہ کڻڻ ۾ جيڪڏهن تڪليف هجي تہ سوچي تہ مان هاڻي پراڻن جو مالڪ پرماتما جو ٿي ويو آهيان، هوُ ضرور منهنجي پلائي ڪندو. اَهڙي ويچارڌارا رکڻ سان اِنسان کي شانتيءَ جي ساگر پرماتما وٽان شانتي ضرور ملندي. سندس شرير سان لاڳاپو رکندڙ چنتا، ايشوريہ چنتن ۾ بدلجي سُک ڏيندڙ بڻجي ويندي. هوُ بيماريءَ کي بہ يوگ جي لاءِ واندڪائي جي وقت جو ذريعو سمجھي يوگ جو آنند حاصل ڪندو.

اِنسان کي اِهو سوچڻ گهرجي تہ بيماري منهنجي شرير کي آهي. منهنجو من اوڏانهن ڇوٿو وڃي. من کي تہ پنهنجي چنتن يا گيان وِلوڙڻ جو ڪم ڪرڻ گهرجي. اَهڙي نموني اِنسان کي گهرجي تہ پاڻ کي شرير کان اَلڳ ڪري ۽ شرير کي هڪ جهوپڙي سمجھِي يوگ روپي تپسيا ۾ لڳِي وڃي. جيڪڏهن کيس اَکين جي تڪليف آهي تہ هوُ ٽن اَکين واري پڳوان شِو ڏانهن ڌيان لڳائي. جيڪڏهن کيس مٿي ۾ سوُر آهي تہ هوُ پنهنجي من کي ديوي ديوتائين جي سرتاج (شري لڪشمي، شري نارائڻ) ڏانهن وٺي وڃي. جيڪڏهن کيس گلي ۾ ڪا خرابي محسوس ٿي رهي

آهي تہ هو من کي گلي ۾ نہ اَٽڪائي، سرسوتي ديوي ڏانهن وٺي وڃي. جيڪڏهن ڪيس ٻانهن ۾ تڪليف آهي تہ اِسٿول ٻانهن کي پُٺجي پنهنجي پرشارٿ يا ٻل جو ويچار ڪري. ڇاڪاڻ تہ ٻانهون پرشارٿ جي ئي نشاني آهن. جيڪڏهن ڪيس ٽنگهن ۾ ڪا تڪليف آهي تہ پنهنجي پرمڌام جي ياترا جو ويچار ڪري، جيڪا هنن اِسٿول ٽنگهن جي بِنا ئي ٿيندي آهي. جيڪڏهن ڪيس سڄي شرير ۾ تڪليف هجي تہ هو وِراٽ روپ جو ويچار ڪري من کي گيان جي ڪوجنا ۾ لڳائي. اِن قسم جي پرشارٿ سان هو بيماري کي پُٺجي ويندو ۽ خوشي محسوس ڪندو. جيڪڏهن ڪيس دوا وٺڻ يا ٻيو علاج ڪرڻ سان بہ فائدو نہ ٿيو هجي تڏهن بہ هو پاڻکي تندرست ۽ آتمڪ رياضِ ۾ اِسٿت سمجهندو.

## موه مان بيماري ۽ حسد مان دِويش سمجهو ۽ بيماريءَ سان حساب ڪتاب چُڪتوُ سمجهو

جيڪڏهن ڳِهڙائي سان ڏٺو وڃي تہ دنيا جي پدارٿن ۾ موه رکڻ سان بيماري پئدا ٿئي ٿي. اَڄ ڪنهن اِنسان کي ڪاڏي جي ڪن شين سان موه آهي ۽ ٻئي ماڻهو کي رات جو جاڳي ڪري راند ڪرڻ يا فِلمون ڏسڻ جو چسڪو لڳل آهي. ٻئي ڪنهن کي وري ڪنهن جي شرير سان پيار يعنيٖ عشق ٿيو آهي. ڪنهن کي ڏسو تہ ڏينهن ۾ ١٠ دفعا چانهہ پيئڻ، سِگريٽ پيئڻ، پڪوڙا، ڪچوري کائڻ، ڪوڪا ڪولا پيئڻ، مٺائي، پڪوان کائڻ سان پريم آهي. اَهڙي نموني جُدا جُدا موه جي قسمن سان اِنسان مانسڪ ۽ شريرڪ

درشٽيءَ کان ڪمزور بڻجي جُدا جُدا بيمارن کي پئدا ڪيو آهي.

اَهڙي نموني حسد ڪرڻ سان به نقص پئدا ٿئي ٿو. جيئن ته رت ۾ خرابي، وايوُ دوش وغيره حسد سان اِنسان ۾ ڪيتريون بيماريون ٿين ٿيون. تنهنڪري اِنسان کي گهرجي ته مان کهڙن کهڙن موهن ۽ حسدن ۾ ڦاٿل آهيان، جن سبب هي تڪليفون پئدا ٿيون آهن. اِنهن بيمارين جي جڙ جو ڪارڻ سمجهي اُنهن کي من مان ڪڍي ڇڏڻ گهرجي. اَهڙي نموني ٿوري محنت ڪرڻ سان بيماري به ٿوري گهٽجي دوُر ٿي ويندي آهي ۽ من جي شانتي به ضرور ملندي. اَهڙي نموني بيماري به اُن اَڌياتمڪ صِحت يا آتمڪ اُنتي جو ذريعو بڻجي ويندي ۽ سندن ڏيان شرير جي بدران پنهنجي من يا سپاءُ ڏانهن هليو ويندو، جنهنڪي بدلائڻ جي لاءِ هاٺي هو پرم پتا پرماتما جي منيءَ ياد ۾ لڳي ويندو ۽ شانتي محسوس ڪندو.

وري، اُنکي سوچڻ گهرجي ته موه يا پريم ۾ ڦاسي ڪري ڪيترن ئي ماڻهون سان منهنجو جيڪو ڪيترن ئي جنمن جو ڪرمن جو کاتو بڻيو آهي هيءَ بيماري به اُهو ڪرمن جو کاتو چُڪتوُ ڪرڻ جو هڪ ذريعو آهي. تنهنڪري ڪيس اِئين سمجهڻ گهرجي ته هيءَ هڪ خوشيءَ جي ڳالهه آهي ته مِٺن مائٽن سان گڏ ڊاڪٽرن ۽ ٻين آتمائين سان جيڪو ڪرمن جو ٻنڌن جُڙيل آهي يا جيڪو منهنجي ڪرمن جو حساب ڪتاب آهي اُهو شرير سان يوڳي ڪري آئينده جي لاءِ چُڪتو ڪري رهيو آهيان. پنهنجي قرض کي چُڪائڻ سان هرهڪ اِنسان کي خوشي ٿيندي آهي، تنهنڪري مان ڏُکي ڇو ٿيان؟ پنهنجي بيماريءَ کي اِن نظريئي سان ڏسڻ سان اِنسان جي من کي آٿت ملندو آهي.

# بيماريءَ ۾ موت کان نہ ڊڄي ڪري مرتيوُنجيہ کي ياد ڪرڻ گھرجي

بيماريءَ وقت اِنسان کي موت جي ڊپ کان بہ اَشانت نہ ٿيڻ گھرجي ڇاڪاڻ تہ آتما پھريائين بہ شرير رهِت هُئي. شرير تہ ڪيس پوءِ مليو ۽ اُهو تہ هڪ ڏينهن جُدا ٿيڻو ئي آهي، پوءِ ڀَالھہ اِها آهي تہ هي شرير جيڪڏهن جُدا بہ ٿي وڃي تڏهن بہ تہ خوشيءَ جي ڳالھہ ڇئبي ڇاڪاڻ تہ بيمار شرير کان ڇُٽڪارو پائي هاڻي اَسانکي تندرست ۽ نئنون شرير ملندو. تنھنڪري ڪيس ڪابہ چنتا نہ ڪري ڪيس پاڻکي پريوُ پرماتما کي اَرپڻ ڪرڻ گھرجي. موت کي ياد نہ ڪري مرتيوُنجيہ يعنيٰ پرماتما شِو کي ياد ڪرڻ گھرجي. اُن جي ياد ۾ شرير ڇڏڻ سان اِنسان کي تمام وڏي اوچ ڪوٽيءَ جي اَوستا حاصل ٿيندي ۽ آئينده جي لاءِ سندس اَڏياتمڪ واڌاري جو سونهري موقعو پرم پتا پرماتما کيس ضرور ڏيندو.

موت جي سيجا تي بيمار اَوستا ۾ اِنسان کي اِهو سوچڻ گھرجي تہ ”هيِ وقت منھنجي لاءِ اِمتحان جو وقت آهي، هن وقت دوستن، مِٽن مائٽن ۽ پنھنجي شرير سان موه نہ ٿيڻ گھرجي پر هاڻي منھنجي من جو لاڳاپو سچي پاونا سان مُڪتي ڏيندر پرماتما سان ئي ٿيڻ گھرجي. يعنيٰ هاڻي مونکي موه کي ختم ڪري پريوُ جي ياد ۾ رهڻ گھرجي. جيڏهن منھنجو شرير مان ساھہ نِڪري تہ ايشور جو گيان ٻُڌندي ۽ پاڻ کي ايشور جي گود ۾ محسوس ڪندس. واه! مان ڪيترو نہ خوش نصيب آهيان جو هي شرير ڇڏڻ وقت مونکي آنند ڏيندر پرم پتا پرماتما جي ياد آهي“.

اَهڙي نموني ڏيرج جو ګڻ ڌارڻ ڪندي اِنسان کي گهرجي ته مرڻ ڪان اَڳ پهريائين مرڻ وڃي يعنيٰ پنهنجي سڀني حواسن (اِندرين) ڪان ۽ شرير ڪان پنهنجي من کي جُدا ڪري، ايشور جي ياد روپي گود جو سُک حاصل ڪري. هيءَ ايشور جي ياد ديوتائين جي وِمان مثل آهي جيڪو وِمان اِنسان کي آخر ۾ سرڳ ڏانهن وٺي وڃي ٿو. اَنگريزي ڀاشا ۾ بيمار کي پيشنٽ چوندا آهن ۽ پيشنٽ (ڏيرج) جي بِي معنيٰ صبر ڪرڻ يا سهڻ به آهي. تنهنڪري بيمار ماڻهو جو پهريون فرض آهي ڏيرج رکڻ ۽ اِن لاءِ شڪتي ڏيندڙ پرماتما جي ياد ۾ پاڻکي اِسٿت ڪرڻ گهرجي. اِنهن طريقن سان اِنسان کي ضرور شانتي ملندي.

# غريبيءَ جي حالت ۾ به من ۾ شانتي ڪئين رهي؟

غريبي به زندگيءَ ۾ دُک ۽ اَشانتيءَ جو هڪ مُکيه سبب بڻجندي آهي. غريب اِنسان سوچيندو آهي، ”مان ڏاڍو بدنصيب ۽ لاچار آهيان، پئسو نه هئڻ سبب نه منهنجي عزت آهي، نه ڪو منهنجو شانِ آهي، منهنجون ڪيتريون ئي چاهنائون ۽ ضرورتون پئسي نه هئڻ سبب پوريون نٿيون ٿين. اَفسوس غريبيءَ جي زندگي به ڪا زندگي آهي“. اِن قسم جي سوچ ويچار سان اُهو ماڻهو آهوُن ڀري ٿو ۽ زندگي گذاري ٿو، پرماتما سان پنهنجي

نزديڪي لاڳاپي جي ڄاڻ نہ هئڻ سبب پاڻ کي لاچار ۽ ڪمزور پيو سمجهي ۽ من ئي من ۾ بي آرامي محسوس پيو ڪري. **سمجهو تہ رپيئن، پئسن وارو ڏن ڪونہ آهي پر ٻئي قسم جو تہ ڏن آهي؟**

اَصل ۾ پئسو نہ هئڻ سبب اِنسان کي بي آرامي ٿيڻ نہ گهرجي پر ڌرم موجب نيڪ ڍنگ سان ڏن ڪمائڻ جي ڪوشش ڪرڻ سان گڏ ڪيس اِهو سوچڻ گهرجي تہ ''ڏن جا تہ ڪيترائي قسم ٿيندا آهن، مثال طور وقت بہ هڪ قسم جو ڏن آهي، اِخلاق، پويترتا جا لڇڻ بہ هڪ وڏي ۾ وڏو ڏن آهي جيڪو خوش نصيب ماڻهن وٽ هونديون آهن. گيان روپي ڏن نہ ناش ٿيندڙ ۽ سڀني ڏنن ڪان سُٺو آهي. تنهنڪري مون وٽ روپين، پئسن وارو ڏن ڀل گهٽ هجي پر سڀني قسمن ڪان اُتم ڏن تہ مون وٽ آهي. تنهنڪري منهنجو اِهو چوَڻ غلط آهي تہ مان بدنصيب آهيان يا لاچار آهيان. ڇٿو مون وٽ ڪوبہ ڏن نہ آهي پر ڀڳوان جي آشيرواد تہ آهي، تنهنڪري مان خوش نصيب آهيان مان اُن داتا يا ترلوڪيناٿ، سڀ ڪان شڪتيوان پرم پتا پرماتما جي سنتان آهيان، منهنجي اُن پتا وٽ تہ ڪهڙي بہ ڪمي نہ آهي. ها، اُن پريوُ سان لاڳاپو ٽورڻ سبب ۽ وِڪارن جي وس ٿي ڪم ڪرڻ سان هين منهنجي هيءَ حالت ٿي آهي. پر هي ڏينهن بہ تہ گذري ويندا. هاڻي مان وري اُن پريوُ سان سچو پريم جو ناتو جوڙي ۽ پرشارٿ ڪري سڀني قسمن جو ڏن حاصل ڪندس. اَهڙي نموني پئسو نہ هوندي بہ اِنسان کي گيان روپي ڏن، پويترتا روپي ڏن پائي ڪري پريوُ پرماتما جو اَحسان مڃڻ گهرجي. دُنيوي ۽ پرمارٿ جو پرشارٿ ڪري ڏن جو ساڌن جُٽائڻ گهرجي.

# نفرت ڇڏي گيان ڏن حاصل ڪريو ۽ پريوُ پرماتما جي شُڪرگذاري ڪريو

اِنسان ڪي پاڻ سان نفرت نہ ڪرڻ گهرجي پر سوچڻ گهرجي تہ ”اَڄ شري لڪشمي ۽ شري نارائڻ وانگر ڪوبہ شاهوڪار ڪونہ آهي. اُنجي ڀيٽ ۾ تہ اَڄ اَصل ۾ سيئي ماڻهون ڀِڪاري ۽ ڪنگال آهن. جيڪو ڀارت ڪنهن وقت سڄي دنيا جو سِرمور هو اَڄ اُنجي سرڪار بہ غريب آهي تنهنڪري تہ سرڪار ٻين مُلڪن کان مدد گُهري ٿي. اَڄ اَمريڪا وِڪاسشيل ديش آهي جنهنڪري اَٿاه ڌن اٿس، پر اُن وٽ مانسڪ سُک روپي ڌن نہ آهي. تنهنڪري هو بہ شانتيءَ جو ڀِڪاري آهي. ٻيا بہ جيڪي ڌنوان اِستري پُرش آهن، اُنهن مان بہ ڪنهن وٽ وقت روپي ڌن نہ آهي ۽ ڪنهن وٽ چريتر روپي ڌن نہ آهي ۽ ويچارن جي پويترتا جنهن کي سڀ کان سُنو ڌن مڃيو ويو آهي اُهو تہ شايد ئي ڪنهن وٽ هجي. تنهنڪري مون ۾ جيڪا گهٽتائي ۽ لاچاري جي ڀاونا آهي، اُنکي دل مان ڪڍي ڇڏڻ گهرجي ۽ وقت روپي ڌن سان ايشوريہ گيان، پويترتا ۽ شانتي روپي ڌن خوب ڪمائڻ گهرجي. ايشوريہ گيان تہ ڌن بہ آهي ۽ جنم جنمانتر جي لاءِ ڌن جو ساڌن بہ آهي. اِن ڌن جي باري ۾ ئي تہ ڪنهن گيت جي روپ ۾ چيو آهي -

مئن نين رام نام ڌن پايو، سکي ري مئن نين رام نام ڌن پايو،
دن دن هوت سوايو، سکي ري مئن نين رام نام ڌن پايو....

اِنڪري جيڪڏهن مون وٽ سنساري ڌن نہ آهي تہ مونکي هر گهڙي دل سان اُن پرم پتا پرماتما جا شُڪرانا مڃڻ گهرجن. جيڪو مونکي گيان ڌن، چريتر ڌن وغيره سڀ کان اُتم ڌن ڏيئي ۽

يوڳ روپي ساڌن ڏيئي سرڳ جي راڄ جي يوڳيہ بڻائي رهيو آهي.

## شاهوڪارن جو ڌن سان يوڳ، توهان گيانوان بڻجي ڌن داتا سان يوڳ لڳايو

جنهن اِنسان وٽ گهڻو ڌن آهي، اُنجو ڌيان تہ سڄو ڏينهن ڌن، وياڄ، بئنڪ بئلنس، اوڌر، ڏي-وٺ وغيره ۾ ئي لڳو پيو هوندو آهي. پريوُ پرماتما کي ياد ڪرڻ جي اُنهين کي فُرصت ئي نہ هوندي آهي. پر جنهن وٽ پئسو گهٽ آهي، اُهو پنهنجو بُڌي يوڳ ڌن ڏيندر پرماتما سان لڳائي سگهي ٿو ۽ بيحد سُک سمپتيءَ کي حاصل ڪري سگهي ٿو. تنهنڪري سندس يوڳ اوچ ۽ ڪمائي بيحد هئڻ سبب هو وڏيڪ خوش نصيب آهي.

پوءِ، جنهن وٽ ڌن وڌيڪ آهي، ٿورو ڏسو تہ سئين تہ اُنهن جو ڌن ڪيئن ٿو خرچ ٿي، هوُ ڌن کي شاڌين تي، هنيموُن تي، سِنيما يا ٻين شونق تي ۽ ڪام واسنا جي پوڳڻ جا سُندر ۽ ڪومل سامان جُٽائڻ ۾ ئي گهڻو ڪجهہ خرچ ڪري ٿو. وڌيڪ ۽ اَيوڳيہ فائدو ڪمائڻ لاءِ هوُ لالچ وس ٿي ڪري شين ۾ مِلاوٽ، بِليڪ منيِ، اِنڪم ٽيڪس ۽ سيلس ٽيڪس جي چوري، آفيسرن کي رِشوت ڏيئي پرمِٽ ۽ ليسن وٺڻ تي يعنيٖ لالچ ۽ حبيءَ تي خرچ ڪندا آهن. وڌيڪ ڌن ٿيڻ تي ڪين اَيمان تہ اَچي ئي ويندو آهي ۽ اَهنڪار يا شانِ کي قائم رکڻ لاءِ هو اَجاين ريتن رسمن، رواجن، ڏيکاءُ ۽ بناوٽي سينگار تي خرچ ڪندا آهن. پوءِ جيڪو ڌن هو ڪمائيندا آهن اُن ۾ سندن موه ممتا هوندي آهي ۽ گهربار وغيره جن جن شين تي هو خرچ ڪندا آهن اُنهن جي بُڌي بہ اُنهيءَ

طرف لڳل هوندي آهي، من اُن ۾ ئي لڳو پيو هوندو آهي. اَهڙي نموني جڏهن ڪيس ڏن جو نشو چڙندو آهي، لالچ جي چاشني بہ جڏهن چکيندا آهن، موه ممتا ۾ بہ ڦاسندا آهن، تڏهن اُنهن جي ڪا چاهنا پوري نہ ٿيڻ تي يا ڪنهنجي ذريعي اُنهن جي حُڪم جي پيچڪري ٿيڻ تي ڪين ڪاوڙ بہ ايندي آهي ۽ اُن ڪاوڙ سبب ڪنهن تي ڪيس ڪرڻ، ڪنهن کي مزو چکائڻ، ڪنهن کي گُندن ۽ پوليس ذريعي سِڌو ڪرڻ لاءِ اُنتي خرچ ڪندا آهن. ٻيو ڪُڇ نہ تہ پان، سِگريٽ ۽ ٻين عادتن تي، شراب، ڪباب جي عادتن تي ۽ زبان جي چسڪو ڏيندڙ شين کي کائڻ ۽ ٻين کي کارائڻ تي اُنجو ڏن خرچ ٿيندو آهي. اَهڙي نموني گهڻو ڪري ڏن ڪام، ڪروڌ، لالچ، موه، اَهنڪار ۽ ٻيون ڪامنائون پورڻ ڪرڻ تي لڳندو آهي جنهنڪري هو پاپ جو ڀاڱيدار بڻجندو آهي. هو ڪرمن جي کاتي ۾ ڪنگال ٿي ويندو آهي ۽ وڪارن ذريعي اَشانتي جو هي آواهن ڪندو آهي. ماڻهو کي بُرائي ڪرڻ لاءِ تن، من، ۽ ڏن ٽنهي مان ڪنهن نہ ڪنهن جي تہ ضرورت ٿيندي آهي. آخر جنهن وٽ ڏن وڌيڪ آهي ۽ جيڪڏهن اُن وٽ ايشوريہ گيان جو ٻج ڪونہ آهي تہ هوُ ڏن سان وِڪار ۽ وِڪرمن کي ئي خريد ڪندو آهي. تنهنڪري جنهن ماڻهو کي وڌيڪ ڏن نہ آهي اُنکي سوچڻ گهرجي تہ اَڄ جي زماني ۾ گهڻو ڏن ڪونهي تہ سُٺي ڳالهہ آهي. ڇو جو مان گهڻين بُرائين کان تہ بچي ويو آهيان. منهنجو ٻُڌي يوگ هاڻي گهر ٻار يان محل ماڙين ۾ تہ نٿو ٽِڪي. تنهنڪري هاڻي مونکي پنهنجو ٻُڌي يوگ (من) ڏن داتا پرماتما سان لڳائڻ سولهو آهي ڇو جو منهنجي ٻُڌي ۾ گهڻا جهنجهٽ ڪونہ آهن.

# اَرٿ (ڌن) ڪونہ آهي تہ اَنرٿ بہ تہ ڪونهي ڪوش ڪونہ آهي پر سنتوش تہ آهي

اَهڙي نموني گياني ٿي ماڻهون کي ڏسڻ گهرجي تہ اَڄ گهڻا شاهوڪار آهن جن وٽ پل اَرٿ(ڌن) تہ آهي پر اُهي اَنرٿ (ڪام، ڪروڌ، لوڀ وغيره) بہ تہ ڪافي آهن. مان تہ اِنهن نقصان ڪندڙ ٻالهين کان پري آهيان. مونکي تہ پرماتما سچي ڌن جي ڄاڻ ڏني آهي. يعنيٰ آتما، برهم لوڪ، پرلوڪ، من، ڪرم، سنياس، يوڳ، مُڪتي وغيره جي اَصلي معنيٰ جي ڄاڻ ڏني آهي. تنهنڪري جيڪڏهن ماڻهو وٽ اِسٿول ڌن آهي، تہ مون وٽ سچو ڌن(گيان) آهي. جنهن سان اَنرٿ يعنيٰ دُک جو ناش ٿئي ٿو. اُنهن وٽ پل ڌن آهي پر سندن من تہ اُن وٽ نہ آهي، سندن من تہ پئسي، اَشانتيءَ ۽ دنيا جي جهنجهٽن ۾ ڦاٿل آهي. منهنجو من تہ خوشيءَ، شانتيءَ، ايڪاگرتا سان پريل آهي. پرم پتا پرماتما جي ياد ۾ ايڪاگر ٿئي سدائين آنند ۾ آهي. اِن کان وڌيڪ شاهوڪارن وٽ پلي ئي خزانو آهي پر سنتوش تہ نہ آهي. ڪين وڌيڪ جي لالچ آهي. تنهنڪري جيڪڏهن اُنهن وٽ روپين پئسن جي ملڪيت آهي تہ مون وٽ سنتوش روپي ڌن آهي. مان تہ ٿوري پئسي مان بہ سُک شانتي محسوس ڪريان ٿو. اُنهن وٽ وڌيڪ پئسو هوندي بہ اُنهن جو پيٽ نٿو پرجي. ڪين ڌن جو چسڪو لڳل رهي ٿو. جيڪڏهن سندن پيٽ پرجي بہ ٿو تہ سندن آتما جي پياس نٿي ٻُجهي، اُنجي تِرشنا نٿي مِٽجي.

جيڪڏهن پئسو نہ آهي تہ پرماتما کي تہ حاصل ڪريو، هاڻي

گيان روپي ڌن حاصل ڪري پنهنجو جيون سڦل بڻايون

تنهنڪري اِنسان کي سوچڻ گهرجي تہ پئسي جي ڪمي منهنجي لاءِ هڪ لِڪيل وردان آهي، ڇاڪاڻ تہ وڏيڪ شاهوڪار نہ هئڻ سبب هڪ تہ مان دنيا جي جهنجهٽن ۾ ڦاٿل نٿو رهان ٻيو مون وٽ وقت بہ آهي، مان پئسو، پئسو جپڻ جي بدران پربُو، پربُو جي ياد ۾ رهان ٿو جيڪڏهن مان وڏو شاهوڪار هُجان هان تہ شايد دنيا جي اِستول پدارٿن ۾ ايترو مگن رهان هان جو يوگ جي اُتم مستيءَ بابت سوچان ئي ڪانہ هان. اَڄ مان اِن غريبيءَ تان قُربان وڃان ٿو جنهنڪري منهنجو من ايشور سان لڳو آهي. تنهنڪري مان غريب دُکي يا بدنصيب نہ آهيان. اِئين تہ چوٽي بہ آهي، ”مون جهڙو نہ ڏني جڳ ۾، مون لکين ڪڙورين ڪمايا، سڪِي ري مون رام نام ڌن پاتو...“ مان اَهڙو شاهوڪار آهيان. اَڄ شاهوڪارن جي لاءِ تہ هيءَ دنيا آهي پر مون غريب لاءِ پاڻ تِرلوڪي پتي پڳوان آهي. اِها منهنجي لاءِ خوشي جي ڳالهہ آهي. اَڄ پل منهنجي عزت ڪونهي پر مون وٽ ايمان تہ آهي. پويترتا روپي سچي ڪمائي ڪري ايشوريہ دربار ۾ تہ منهنجي عزت ٿيندي. تنهنڪري اِنسان کي گهرجي هو پاڻ کي گهٽ نہ سمجهي. پاڻ کي ايماندار ۽ ڌرماتما سمجهي ۽ گيان پويترتا شانتي روپي ڌن حاصل ڪري. اِستول ڌن گهٽ هوندي بہ پاڻکي شاهوڪار سمجهي. ڇاڪاڻ تہ گيان پويترتا وغيره ملڪيت ايشور جي ڏنل سوغات آهي. جيڪا خوشنصيب کي ئي حاصل ٿيندي آهي.

# ڪمائي گهٽ آهي پر اُپاءُ تہ وڏو آهي

مٿين ڳالهہ تي غور ڪندي اِنسان کي سنتوش ملڻ گهرجي ۽ پاڻ کي غريب ۽ ڏُکي سمجهڻ جي بدران خوش ٿيڻ گهرجي. گياني ٿي اِنسان کي اِهو سوچڻ گهرجي، ”ڀل منهنجي ڪمائي گهٽ آهي، پر مون وٽ اُپاءُ (گيان پرشارٿ) تہ وڏيڪ آهي“. مان هن ايشوريہ گيان روپي اُپاءُ سان ٢١ جنمن تائين شاهوڪار رهندس، بلڪل سُکي ٿي ويندس، مونکي ڪڏهن ڏُک يا اَشانتي نہ ٿيندي. اِن نموني سوچي اِنسان کي گهرجي تہ پرم پتا پرماتما جي جيڪا آگيا آهي تہ ”پويتر بڻجو، يوگي بڻجو“ اِنجي پوري ريت پالن ڪريون. پويترتا جو مقصد سامهون رکڻ سان اَڄ نہ تہ سڀاڻي ڪاميابي ضرور ملندي. جيڪڏهن اِنسان وٽ پئسو نہ آهي تہ هو زبان جو ڏاڍي بڻجي، يعنيٰ پرماتما سان پويترتا جي پرتگيا ڪري اُنکي پوري طرح نڀائي. اِئين ڪرڻ سان سندن سيئي ڏُک دوُر ٿي ويندا. جيڪو اِنسان زبان جو جيترو وڏيڪ ڏاڍي بڻجندو اُهو ايندڙ وقت ۾ وڏو شاهوڪار بڻجندو.

پر اَڄ اسين ڏسون ٿا تہ جن ماڻهون وٽ ڪارو ڌن گهٽ آهي اُهي، ”بوُکي ڀڄن نہ هوئي گوپال“ اِن چوڻي موجب بهانو ٺاهيندا آهن. اُهي سڄو ڏينهن ڌن ڪمائيندا آهن. ڪائڻ ۽ وري ڪمائڻ جي لاءِ لڳي ويندا آهن، ۽ پرم پتا پرماتما جي گيان ۽ اُنجي يادگيريءَ لاءِ ٻہ گهڙيون بہ نہ ڪڍندا آهن. هو چوندا آهن، ”هن يوگ ووگ ئي تہ اَسانکي غريب بڻايو آهي. ٻي حالت ۾ جن مُلڪن جو ڌيان يوگ ڏانهن نہ وڃي واپار، ڪارخانن ۽ ڌن ڪمائڻ جي ساڌنن ۾ هوندو آهي، اُهي مُلڪ اَڄ وڏيڪ شاهوڪار آهن.

اُهي اَسان کان گهڻو اڳيان نِڪري ويا آهن“. پر اِئين چوندڙ ماڻهو اِهو نہ سمجهندا آهن تہ فقط پئسو ڪمائڻ ئي زندگي جو مقصد نہ آهي، پر هڪ ساڌن آهي. زندگي جو مقصد تہ سُک ۽ شانتيءَ ۾ آهي. اَڄ جن مُلڪن ۾ ڌن آهي اُتي سُک شانتي نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ اُنهن جي من ۾ ٻمن جو ڏپ، وڪارن ۽ عيش عشرت جي باه ٻرِي رهي آهي. اَڄ اَشانتي، ڏُک، غريبي وغيره جو مکيہ سبب آهي تہ اِنسان پاڻکي ۽ پرم پتا پرماتما کي ڀُلجي چُڪو آهي. اَڄ جيڪي اِنسان پرماتما کي ياد ڪندا آهن اُهي اَڪثر ڄاڻيندا ئي نہ آهن. تنهنڪري اَڄ ضرورت اِن ڳالهہ جي آهي تہ پرم پتا پرماتما ۽ ڪرمن جي گتيءَ جي ڄاڻ حاصل ڪري ۽ گياني بڻجي پرم پتا پرماتما کي ياد ڪري، پويتر ڪرم ڪري ۽ ڌن ڪمائڻ جي محنت ڪري. تڏهن هن دنيا ۾ لُٽمار، لوڀ، لالچ، وڪار ۽ ڀرشٽاچار، ٻي کي ستائڻ ۽ پريشاني دوُر ٿيندي. ۽ هر هنڌ سُک ۽ خوشحالي ڏسڻ ۾ ايندي. تڏهن دنيا ۾ شانتي ٿيندي ۽ ڪوبہ غريب نہ رهندو. ۽ نہ شاهوڪار ماڻهو ٻين جي ڪمائي سان ريس ڪندا.

## ٻين کي گيان جو دان ڪندا تہ شاهوڪار بڻجندا جيڪڏهن ڪرم نٺا ڪري سگهو تہ ڌرم ئي ڪريو

هرهڪ اِنسان کي اِها ڳالهہ چڱي طرح سمجهڻ گهرجي يا تہ اِنسان هن جنم ۾ ڪرمن سان پئسو حاصل ڪندو آهي يا تہ اَڳين جنمن ۾ ڌن دان ڪرڻ سبب سندن جنم شاهوڪار گهر ۾ ٿيندو آهي. جيڪڏهن اِنسان اَڳين جنمن ۾ ڌن جو دان نہ ڪيو

آهي تہ هن جنم ۾ هُن کي محنت ۽ ڪرم ڪرڻ گهرجي. پر جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪرم نٿو ڪري سگهي، هوُ ٻُڍو آهي، بيمار آهي، نِربل آهي يا ٻي ڪنهن ڪارڻ سبب لاچار آهي تہ هوُ ڌرم ڪري يعنيٰ ايشوريہ گيان کي حاصل ڪري ۽ ٻين کي بہ گيان جون سُنيون ڳاليون ٻُڌائي. اَهڙي نموني گيان روپي سپ کان اُتم ڌن دان ڪرڻ سان ڪيس ايندڙ وقت ۾ سرڳ جو سُک ملندو. ۽ هاڻي بہ ڌرم ڪندڙ يعنيٰ سچو گيان ڏيڻ واري ماڻهو جي پيٽ پالڻ جو ذريعو خود گيان جو ساگر پرماتما ڪنهن نہ ڪنهن معرفت ڪندو. چاڪاڻ تہ اَهڙي اُتم سماج شيوا ڪندر جي شيوا ڪرڻ سماج جو فرض آهي.

اِنسان کي سوچڻ گهرجي تہ جنهن شري لڪشمي نارائڻ جي پوڄا ڪري ماڻهون اُنهن کان ڌن گُهرن ٿا، اُهي پلا ڪهڙي نموني ايترا شاهوڪار بڻيا؟ جن راجائن وغيره جي نالي سان سِڪو هلندو رهيو، اُنهن پلا راڄ گهڙائي ۾ ڪهڙي ڪرم سِڌانت موجب جنم ورتو؟ پرم پتا پرماتما شِو سمجهايو آهي تہ پوجيہ شري لڪشمي نارائڻ اَڳين جنمن ۾ جڳت ماتا سرسوتي ۽ پرجا پتا برهما جي روپ ۾ گيان ۽ سنتوش روپي ڌن ڪمايو هو ۽ دان ڪيو هو. ٻيو راڄ گهراڻي جي باري ۾ جيڪو مٿي سوال ڪيل آهي اُنجي لاءِ پرماتما شِو ڪولي سمجهايو آهي تہ راڄ گهراڻي ۾ جنم وٺندڙن، اَڳلن جنمن ۾ غريبن کي ڌن جو دان ڪيو هو. تنهنڪري هاڻي جيڪو ماڻهو شانتي ۽ پويترتا روپي ڌن کان غريب ماڻهون کي گيان ڏيئي پويترتا ۽ شانتي سان پرپوُر ڪندو اُنکي بہ پڪ ئي سرڳ جي راجائي يا سُک سوهليتون ملنديون. اَهڙي نموني ايشوريہ

ڪي ئي غريب مان شاهوڪار بڻائڻ وارو ساڌن سمجهي هاڻي اِنسان ڪي اِن ڪمائي ۾ لڳي وڃڻ ڪپي ۽ اَشانت ۽ دُکي ٿيڻ نہ گهرجي.

پرم پتا پرماتما سمجهايو آهي تہ ”هاڻي تہ ايندڙ وقت ۾ هن ڪليگي ڌرم پرشٽ، ڪرم پرشٽ، يوگ پرشٽ ۽ ڪوُڙي گيان، اَيمان واري سرشٽيءَ جو مهاوناش اَئٽم بمن جي ذريعي ۽ گهروُ لڙائيءَ وغيره سان ٿيڻو ئي آهي. تنهنڪري جنهن وٽ گهڻو ڌن آهي اُنتي بہ اِها چوٽي لاڳوُ ٿيندي، ڪنهن جي دٻي رهي دوُل ۾، ڪنهن جي راجا کاءِ، ڪنهن جي چور لُٽن، ڪنهن کي باه ساري، سڦلي ٿيندي اُنجي جيڪو پريوُ اَرٿ لڳاءِ“. تنهنڪري هي اِستول ڌن تہ هاڻي ٿورن ئي سالن ۾ ختم ٿيڻ وارو آهي ۽ ڪنهن ڪم نہ ايندو. جن هي گيان روپي ڌن حاصل ڪيو هوندو ۽ ڪمايو هوندو اُهي ئي مُصيبتن جي وقت خوش ۽ سنتشٽ هوندا ۽ سندن آئينده بہ روشن هوندو. اِنهن سيني اَنمول ۽ ڳُجهن ڳالهين کي جاڻي هاڻي ماڻهو کي کپي تہ وقت روپي ڌن نہ وڃائي پر ايندڙ ڪجهہ سال سنتوش ۽ پرشارٿ ۾ گذاريندي اُنکي گيان ڌن، يوگ ڌن، پوينترتا ڌن ۽ اِخلاق (چريتر) ڌن ڪمائڻ ۾ ئي سڦلو ڪري.

# سچي شانتي ۽ ايشوريہ آنند جي لاءِ اَنمول ڳالهيون

ياد رکو تہ شانتي تڏهن محسوس ٿي سگهندي جڏهن من جي وِرتي ساتوِڪ هوندي ۽ ويچار شُڌ هوندا ۽ سياءُ سيتل، نمر ۽ بِنا ڪنهن ڪپٽ جي هوندو. اِنسان جي من جي چنچلتا سبب ئي

اِنسان کي اَشانتي محسوس ٿئي ٿي ۽ من جي چنچلتا يا من جو ڀٽڪڻ، ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موه، اَهنڪار، حسد اِيرچا وغيره سبب ٿئي ٿو. هن چنچل من کي گيان روپي لغام سان ظابتي ۾ رکي سگھجي ٿو. من جو سپاءُ ئي آهي سنڪلپ ڪرڻ تنهنڪري اُنهن سنڪلپن کي روڪڻ يا دٻائڻ جي ڪوشش ڪرڻ اَهڙي ئي ڀُل آهي جيئن گھوڙي کي ٻڌي رکڻ جي ڪوشش ڪرڻ. من جي سنڪلپن کي بلڪل روڪڻ جي بدران من ۾ پويتر سنڪلپ هلائڻ يا کيس ستيگ يا ايشوريه ياد ۾ لڳائڻ جي ڪوشش ڪرڻ ئي سچو پُرشارٿ آهي. ٻُڌيءَ ۾ شڪتي ڀرڻ جي لاءِ يا ٻُڌيءَ کي ساتوِڪ بڻائڻ جي لاءِ ٻُڌي ۾ پرم پتا پرماتما جي ياد ضروري آهي. جڏهن ٻُڌي سڀ کان شڪتيوان، شانتيءَ جي ساگر ۽ پتت پاون پرماتما جي ياد ۾ هوندي تڏهن کيس شڪتي، شانتي، پويترتا ۽ آنند ملندو آهي. ائين ڪرڻ سان اِنسان جا سنسڪار بدلجي ويندا آهن ۽ هو سدائين ايشور جي مستي ۾ رهندو آهي.

اِن ڪانسواءِ ٻُڌي کي گيان جي منن ڪرڻ سان ئي پويتر ۽ ٻلوان بڻائي سگھجي ٿو. تنهنڪري اِنسان کي اِهو سمجھڻ گھرجي ته مان شانت سوروپ آتما آهيان. شرير ته پنجن تتوَن جو پُتلو ۽ ناشوَنت آهي. مان آتما ته پرمڌام (برهم لوڪ) کان هن سرشٽي روپي اِستيج تي پنهنجو پارٽ اَدا ڪرڻ آئي آهيان ۽ پنهنجو پارٽ پوُرو ڪري يا هن مُسافر کاني مان مونکي واپس وڃڻو آهي. اِن ڪانسواءِ هاڻي اِنسان کي گھرجي ته هو پاڻ کي ٽرسٽي يا نِمت سمجھي ۽ پرم پتا پرماتما جي سنتان سمجھي ٻِنا موه جي ڪرم ڪرڻ گھرجي.

اوم شانتي.